سنڌي صورتخطي

(نئين سر سڌاريل ۽ وڌايل)


خواجه غلام علي الانا

سنڌي زبان پبليڪيشن
A/96-1501، ٽنڊو ولي محمد
حيدرآباد (سنڌ)





سورهه سنڌي ادب



صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

سِنڌي صُورَتخِطي

(نئين سر سڌاريل ۽ وڌايل)

خواجه غلام علي الانا

سنڌي زبان پبليڪيشن
1501-A/96، ٽنڊو ولي محمد
حيدرآباد (سنڌ)

پهريون ڇاپو — آڪٽوبر ١٩٦٤ع
ٻيون ڇاپو — جون ١٩٦٥ع
ٽيون ڇاپو — جولاء ١٩٦٩ع

قيمت [redacted] روپيا

هيءَ ڪتاب شمشاد علي عليڊنه
سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد مان ڇپائي سنڌي زبان پبليڪيشن
طرفان پڌرو ڪيو.

انتساب

منهنجي امڙ جي نالي
جنهن مون کي سنڌيءَ ۾
لولي ڏني.

— الانا

خاص اشارا

هن ڪتاب ۾ ڪي نوان نشان ڪم آندا ويا آهن، جن جي سمجهاڻي ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ ممڪن آهي تہ اهڙا نشان ٻين ڪتابن ۾ بہ ٻي معنيٰ رکندا هجن.

[ ] چورس ڏنگيون (square brackets) — انهن ڏنگين ۾ ڏنل نشان ڏيکارين ٿا تہ ”اِهي“ آواز (sounds) آهن.

/ / ليڪن جي وچ ۾ ڏنل نشان ڏيکارين ٿا تہ اهي ”صوتيہ“ (phonemes) آهن.

' ' حرف يا اکر ڪي ڪامائن اندر رکيو ويو آهي.

فهرست

عنوان	صفحو

تصويرن جي فهرست

مهاڳ

”سنڌي صورتخطيءَ“ جو پهريون ڇاپو ڇهن مهينن اندر ختم ٿي ويو، ۽ ٻئي ڇاپي لاءِ پريس جا دَرَ کڙڪائڻا پيا. پهريون ڇاپو سنڌ جي استادن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن زباني طور تہ پسند ڪيو، پر مون کي خوشي تڏهن ٿئي ها جڏهن ڪو صاحب تڪليف وٺي هن فن تي علمي جائزو وٺي ڪجهہ لکي ها ۽ منهنجي رهبري ڪري ها.

سچ پچ تہ مون کي خوشي تڏهن ٿيندي جڏهن ڪو ڄاڻو منهنجي طرفان ڪيل سفارشن تي ڪجهہ لکي، انهن تي فني ۽ علمي بحث ڪندو. آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ تنقيد علمي ڪرڻ گهرجي. ’صورتخطيءَ‘ جي فن تي علمي تنقيد لاءِ صوتيات جي علم جي ڄاڻ جي گهڻي ضرورت آهي؛ ائين نہ ٿئي جو متان ڪو صاحب پاڻ کي ٿي ماهر سمجهي چوي تہ الانا کي فلاڻن فلاڻن ڪتابن جو مفهوم سمجهڻ ۾ ٿي نہ آيو آهي، ڇاهي پاڻ انهن ڪتابن کي سمجهي سگهيو هجي يا نہ.

ٻئي ڇاپي ۾ مون ڪي درستيون ۽ تبديليون بہ ڪيون آهن. ڪن انگريزي لفظن جا نعم البدل بہ مقرر ڪيا اٿم، جن جي وضاحت جلد ڇاپڻ ’سنڌي صوتيات‘ نالي ڪتاب ۾ ڪئي ويئي آهي. ٽيون ڇاپو سڌاريل ڇاپو آهي، جنهن ۾ ڪافي اضافا ڪيا ويا آهن.

آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي عملدارن جو شڪر گذار آهيان جن منهنجو هي ڪتاب ايم. اي. (ٽي ل) جي ڪورس تي رکيو آهي. اميد آهي تہ ايم. اي. جا شاگرد هن مان گهڻو فائدو حاصل ڪندا.

غ. ا.

پيش لفظ

١. سنڌي زبان جي ”بڻ بنياد“ تي تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) جي لحاظ کان ڪافي زماني کان بحث هلندڙ آهي. ڪن بزرگن ته انهيءَ سلسلي ۾ جذبات کان ڪم ورتو آهي، ۽ سنڌيءَ جي موجوده تحريري صورت کي بنياد وٺي، پنهنجو هڪ مخصوص نظريو قائم ڪيو اٿن. انهن صاحبن روزمره واري ٻوليءَ (spoken language) جي ساخت ۽ سُتاءَ ترڙي صرف-نحو جو جائزو تشريحي لسانيات (Descriptive linguistics) جي روشنيءَ ۾ نه ورتو آهي. اگرچ ڪن صاحبن هن ڏس ۾ - يعني ساخت، سُتاءَ ۽ صرف-نحو جي باري ۾ - پنهنجي نظر ڊوڙائڻ جي ڪوشش ڪئي به آهي، ليڪن انهن جا نتيجا به محض ظني آهن؛ نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي آوازن (sounds) ۽ انهن جي تحرير ٿيل صورتن (written symbols) کي هڪٻئي ۾ منجهايو ويو آهي، ۽ صوتياتي اصولن ماتحت سنڌي آوازن جو جائزو نه ورتو ويو آهي. ساڳي حالت سنڌي صرف-نحو جي به ڪئي ويئي آهي. نه صرف سنڌي صوتيات جي نظام جو مطالعو غير اطميناني بخش آهي، پر سنڌي صرف-نحو کي به عربي ۽ انگريزي صرف-نحو جي روشنيءَ ۾ جاچڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. سنڌي زبان جي باري ۾ ڪيڏيل اهڙا نتيجا ثابت ٿا ڪن ته عالمن ٻوليءَ متعلق لکڻ کان اڳ پنهنجو مخصوص نظريو اول قائم ڪيو آهي، ۽ پوءِ آن نظريي جي روشنيءَ ۾ ٻوليءَ جي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. انگريزي زبان سان به قديم نظريي وارن عالمن (Traditional scholars) اهائي ڪار ڪئي آهي؛ انهن بابت بلوم فيلڊ لکي ٿو:

—"The development so far outlined shows us what eighteenth century scholars knew about languages. They stated the grammatical features of language in philosophical terms and took no account of the structural difference between language, but observed it by forcing their description into the scheme of Latin grammar. They had not observed the sounds of speech, and confused them with the written symbols of the alphabet. Their failure to distinguish between actual speech and the use of writing distorted also their notions about the history of languages"(١).

مطلب تہ روزمرہ واري ٻوليءَ ٻدران، تحرير تيل ٻوليءَ جي جائزي کی اصل ٻوليءَ جو جائزو سمجهيو ويو آهي، جو درست نہ آهي.

٢- ١٩٦٠ع کان اڳ سنڌي زبان جي اصلي بنياد لاءِ عام طور ٻہ نظريا مشهور هئا: اُنهن مان پهريون نظريو هيءَ آهي تہ سنڌي پراڪرت، پالي، شؤرسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت سنسڪرت مان نڪتل آهي؛ ۽ ٻيو نظريو هيءَ آهي تہ سنڌي عربيءَ جي مائٽ ٿئي. ١٩٦٠ع ۾ سنڌي ادب جي هن شعبي جي مطالعي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نئون انقلاب آندو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هڪ مضمون ذريعي، اڳوڻن نظرين کي ريتي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "سنڌي ٻولي بنيادي طور سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي (٢)".

---

(١) Bloomfield, L., "Language," George Allen and Unwin Ltd., London, 1961, p. 8.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، حيدرآباد، ١٩٦٢ع، ص ج.

٣- مون کي ننڍي هوندي کان ئي ٻولين جي ڄاڻ ۽ واقفيت جو شوق پئي رهيو آهي. وڌيڪ ايم. اي. (سنڌي) جي ڪورس ۾ فلالاجيءَ جي ٿوري گهڻي مطالعي ڪرڻ ڪري منهنجو شوق هيڪاري وڌيو. تازو رب ڪريم مون تي وڏ ڪيو. منهنجي مرشد مهربان ۽ منهنجي عقيدي (اسماعيلي) جي امام، سيدنا و مولانا شاهه ڪريم الحسيني، آغا خان چوٿين، پنهنجيءَ نوازش سان مون کي اعليٰ تعليم جي حاصلات لاءِ ولايت وڃڻ جو ارشاد فرمايو، ۽ ساڳئي وقت، پنهنجي خانداني سخاوت جي اصول پٽاندر، پنهنجي ذاتي خزاني مان خرچ ڏيڻ به قبول فرمايائون. مون موقعو غنيمت سمجهي، لسانيات جي علم جي ڄاڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ جي 'اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز' جي لسانيات جي شعبي ۾ داخلا ورتي. ٻن سالن جي عرصي دوران مون ايم. اي. جي تياري ڪئي، ۽ ''سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي زبان جو عنصر'' (The Arabic Element in Sindhi) جي عنوان سان مقالو (Thesis) لکي پيش ڪيم. جنهن تي مون کي ايم. اي. جي ڊگري ملي. لنڊن ۾ تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، وطن واپس وري، ڪجهه وقت ماحول جو مطالعو ڪندو رهيس، ۽ ساڳئي وقت سنڌ ۾ ڇپيل ڪتاب به پڙهندو رهيس. مون کي معلوم ٿيو ته لسانيات جي فن تي، سواءِ چند انگريزي ڪتابن جي، ڪنهن به سنڌي ڪتاب ۾ فني بحث ٿيل نه آهي. انهن مان ڪن ۾ فلالاجيءَ جو عنصر گهڻو آهي، پر اهي عنصر به جديد اصولن موجب نظرثاني ڪرڻ جهڙا آهن.

٤- هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ مون کي شوق تڏهن پيدا ٿيو، جڏهن مون ڏٺو ته:

(الف) سنڌي ڪتابن ۾ الف-ب، رسم الخط ۽ صورتخطيءَ ۾ فرق ڇاڻايل نه آهي؛

(ب) صورتخطي ۽ الف-ب جي بيان ڪندي حرف،

صورت ۽ آواز جي فرق کي نظر انداز ڪيو ويو آهي (١)؛

(ت) سنڌي صوتياتي نظام کان غير واقفيت سبب، ڪيترن ئي غير سنڌي حرفن کي - جيڪي صرف صورتخطيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، پر روزمره واري ٻوليءَ ۾ آچاريا نٿا وڃن - نج سنڌي آواز ڪري شمار ڪيو ويو آهي (٢).

ممڪن آهي ته اهي غلط بيانيون اڳتي هلي حقيقت جي صورت وٺن، انهيءَ ڪري مون اول اول 'سنڌي صورتخطيءَ' تي قلم کنيو آهي. هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ صوتياتي نظام ۽ صوتياتي اصولن جو وضاحت سان ذڪر نه ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو هڪ جدا موضوع آهي، تنهن هوندي به صورتخطيءَ (Orthography) تي بحث ڪندي ڪن ''فني اصطلاحن'' (Technical terms) جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي.

۵- سنڌي صورتخطيءَ (عربي - سنڌي صورتخطي) تي خاص ڪري انهيءَ سبب ڪان به قلم کنيم، جو تازو هندستان ۾ مسٽر لوڪنات پنهنجي ڪتاب ''سنڌي ٻوليءَ جي لپي'' ۾، عربي - سنڌي صورتخطيءَ خلاف سخت ڪلاميءَ کان ڪم ورتو آهي. ديوان لوڪنات عربي - سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ (unscientific) ثابت ڪرڻ لاءِ خود عربي رسم الخط جي خلاف غير وگيانڪ دليل ڏنا آهن. هنن لفظن لکڻ مان منهنجي اها مراد ڪانهي ته ديوناگري خط غير وگيانڪ آهي، بلڪ ديوان لوڪنات جي ڪتاب ۾ ڪيل بحث ثابت ٿو ڪري ته پاڻ

---

(١) آڏواڻي ڀيرومل: ''وڏو سنڌي وياڪرڻ،'' ڀاڱو ٻيون، هندو پريس، ڪراچي، ١٩٢٦ع، ص ١ ۽ ٢.

(٢) ڊاڪٽر بلوچ: ''سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ،'' ص ٣١. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو: ''اول ته سنڌي الف - ب جي حروف صحيح ۾ واڌارو ٿيو. عربي الف - ب جا حرف، مثلاً: ث، ح، خ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف ۽ ق، سنڌي الف - ب ۾ داخل ٿيا.''

سنڌي صوتياتي نظام توڙي عربي رسم‌الخط جي اصولن بابت گهٽ ڄاڻ ٿو رکي، نه ته جيڪر پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو اظهار هرگز نه ڪري ها. ديوناگري خط سان بي پناهه محبت يا ڪٽر هندستانين وٽ سرخرو ٿيڻ لاءِ پيا به ڪيترائي رستا ٿي سگهن ٿا: عربي رسم‌الخط سان دشمنيءَ سبب يا پاڪستانين خلاف نفرت جي اظهار ڪرڻ لاءِ اهڙيءَ طريقي سان سرخروئي حاصل ڪرڻ، هڪ اديب لاءِ مناسب نه آهي.

ديوان لوڪنات جي الزامن ۽ اعتراضن جي جواب کان اڳ بهتر ٿيندو ته اول سندس ڪتاب مان ڪي ٽڪرا ڏجن، جن ۾ هن اعتراض ورتا آهن:

(الف) ”عربي-سنڌيءَ جي لکاوٽ جو اُچارڻ سان ڪو به تعلق نه آهي. اُچار هڪڙو ته لکڻ جو طريقو

---

(١) الف-ب: نشانن جو اهو طريقو، جو ڪنهن به زبان جي ڌار ڌار آوازن کي لکت ۾ نمايان ڪري.

صورتخطي: ڪنهن به زبان ۾ لفظن ۽ جملن جي لکت لاءِ آوازن جي تحرير ٿيل صورتن کي اهڙي نموني استعمال ڪيو وڃي جو اها لکيت معياري ۽ درست هجي.

لسانيات جي اصولن موجب، صورتخطيءَ ۾، ڌار ڌار خطن جي ڌار ڌار اُچار (variant pronunciation) موجب، لفظن کي ڌار ڌار نموني لکڻ، يعني هڪ لفظ کي لهجي جي بنا تي ڪتابن ۾ ڌار ڌار نمونن ۾ لکڻ، درست نه آهي. صورتخطيءَ لاءِ لازمي آهي ته هر لفظ کي هڪ ئي مقرر صورت هجي. جملن ۾ لفظن جا اُچار، انفرادي (isolated) طور اُچاريل لفظن کان الڳ ٿيندا آهن. صورتخطيءَ ۾ انهن لفظن جي اها صورت رکبي آهي، جيڪا انفرادي طور اُچاري (pronounced in isolation) ويندي آهي. سڀني ملڪن ۾ هڪ ئي صورتخطي اختيار ڪئي ويندي آهي. تنهنڪري ڪنهن به زبان جي صورتخطي معنيٰ آن ملڪ جي معياري لهجي (standard dialect) جي لکيل صورت.

پيو. هن زماني ۾ ته خود آمريڪا ۾ انگريزيءَ کي سڌاري، اُچارن موجب لکيو ٿو وڃي، ۽ نه ڪه جهوني طريقي سان، جنهن ۾ اکر جون ماترائون هڪڙيون ته اُچار ٻيو''(١).

(ب) ''عربي-سنڌي بنهه غير وگيانڪ لپي آهي. زبان جيڪي به سڀاويڪ اُچار ڪري ٿي، عربي لپي انهن اچارن کي صورت ڏيڻ کان قاصر آهي''(٢).

(ت) ''هن (عربي-سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت بدلائي ڇڏي آهي. نه فقط ايترو، ليڪن هن غير وگيانڪ لپيءَ جي هڪ سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پيئي آهي، جنهنڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت شلوڪن جا اُچار اهڙا ڪندا آهن، ڄڻ ته عربي وينا پڙهن''(٣).

هن ڪتاب ۾ اڳتي هلي، اسان لسانيات جي هڪ انگريز ماهر، برٽن (Burton) جا آهي رايا ڏنا آهن، جن ۾ هن عربي رسم الخط جي خصوصيتن تي مضبوط دليل ڏنا آهن (٤). ساڳيءَ طرح برطانيه جو هڪ ٻيو مشهور ماهر لسانيات ۽ جديد صوتيات جو عالم 'فرٿ' (Firth)، عربي رسم الخط جون خصوصيتون بيان ڪندي لکي ٿو (٥):

---

(١) لوڪناٿ: ''سنڌي ٻوليءَ جي لپي،'' مسافر روڊ، بمبئي ١٩، ١٩٥٩ع، ص ٣٦.

(٢) ايضاً، ص ٣٧.

(٣) ايضاً، ص ٣٨.

(٤) ڏسو اينڊڙ صفحن ۾ برٽن جو رايو.

(٥) Firth, L.R., "Papers in Linguistics" Oxford University press, London, 1957, pp. 125 and 126.

"Our English alphabet and orthography are disgracefully and almost ridiculously imperfect. Lĕt us notice the main features of Arabic alphabet I suppose it can claim the title 'alpha bet' on etymological grounds, but it is really a syllabary. Firstly, each Arabic letter has a name of its own. Secondly, each one is capable of being realized as an art figure in itself. Thirdly, and most important of all, each one has syllabic value, the value or 'potestas' in the most general terms being consonant plus vowel, including vowel zero, or zero vowel. The special mark, 'Sukuun' for a letter without vowel possibilities, *i.e.* with zero vowel or for a letter to end a syllable, not begin it, is the key to the understanding of the syallabic value of the simple letter not so marked, and this is congruent with the essentials of Arabic grammar.''

انهن ماهرن جي راين جي مقابلي ۾ لوڪنات جي اها دعوا ڪئي ٿي ٻيهي سگهي تہ عربي-سنڌي رسم‌الخط غير وگيانڪ ۽ جڏو آهي.

٦. جن جن اعتراضن جي بنا تي ديوان لوڪنات عربي-سنڌي رسم‌الخط کي غير وگيانڪ ٿو سمجهي، سي خاميون در اصل عربي-سنڌي رسم‌الخط ۾ نہ آهن، پر لکندڙن جي اڻڄاڻائيءَ جو نتيجو آهن؛ جن جو متن ۾، ''سنڌي صورتخطيءَ ۾ اوڻايون'' جي عنوان هيٺ ذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ هوندي بہ هيٺ لوڪنات جي ڪن اعتراضن جا جواب ڏجن ٿا:

(الف) لوڪنات صاحب لکي ٿو:'' प्र ष्ट (پْرَشْٽ) لفظ ديوناگريءَ ۾ ئي درست نموني لکي سگهبو. प्र (پْرَ) ۾ [پ] ۽ [ر] ٻئي گڏجي اچن ٿا، ٻنهي جو گڏيل اچار ٿيو

ٿ (پُرُ)، جيڪو عربي لپيءَ ۾ لکي ڪونه سگهبو؛ جي لکڻ جي ڪوشش ڪندا ته انهيءَ جو اچار ڪير به برابر نه ڪري سگهندو. ساڳي طرح [ش] ۽ [ٿ] جو گڏيل اچار ڪير به عربيءَ ۾ لکي ڏيکاري! جي لکندا ته ٿيندو 'شٿ'، ۽ سچو اکر لکبو ته ٿيندو 'پرشٿ' يا ان جو اُچار عربي-سنڌي خواندو ڪندو 'پِرَشَٿ'"(١).

دراصل اسان جون اهي لکيل صورتون ئي آهن، جن مون کي هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهڙين غلط صورتن تي ايندڙ صفحن ۾، متن ۾ بحث ڪيو ويو آهي. اها غلطي اسان جي آهي، ۽ نه عربي-سنڌي رسم‌الخط جي. تعجب ته هيءُ آهي جو پاڻ کي ڀاشا وگيان (linguistic science) جو ماهر سمجهندڙ ديوان لوڪنات به هڪ عظيم غلطي ڪري ويو آهي. هو "پرشٿ" کي 'اکر' (letter) ٿو لکي، دراصل اهو 'لفظ' (word) آهي. ڪتاب جي متن ۾ گڏيل آوازن (clusters of sounds) جي بيان ۾ لوڪنات جي اعتراضن جا جواب اچي ويا آهن(٢)؛ تنهن هوندي به هت ايترو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته جنهن نموني هن صاحب عربي-سنڌي خط ۾ 'پرشٿ' لکي توڪزني ڪئي آهي، تنهن ۾ هن پنهنجي لاعلميءَ جو ڪافي ثبوت ڏنو آهي. ڪو به سنڌي 'پرشٿ' لفظ جو اچار "پِرَشَٿ" هرگز ڪونه ڪندو. هو بلڪل ائين ئي چوندو، جيئن لوڪنات ديوناگري خط ۾ لکي ڏيکاريو آهي. اگر لوڪنات کي اهو لفظ درست لکڻ ئي نٿو اچي ته اُن ۾ عربي-سنڌي رسم‌الخط جو ڪهڙو قصور؟ پاڻ دعوا ٿو ڪري ته ڪير اهو لفظ درست لکي ته ڏيکاري! 'پرشٿ' جي اُچار موجب درست صورت اِپْرَشْٿُ آهي، جيئن ٻيا عربي لفظ آهن- صَدْرُ، عِلْمُ، وَقْدُ وغيره. ڪبس اجازت آهي ته پوني جي انسٽيٽيوٽ آف لنگئسٽڪس جي ڪنهن به ماهر کي منهنجي ڏسيل صورت ڏيکاري. هيءُ لفظ

(١) لوڪنات: ص ١٢.
(٢) ڏسو ايندڙ صفحن ۾.

ٻن ٻڌن وارو آهي. [پُرَ] گڏيل آواز آهي، ان ۾ پهريون جز /پ/ ساڪن (vowelless) آهي. اهو جزم يا سڪون جي مدد سان نمايان ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح [شُٽُ] به گڏيل آواز آهي، جنهن ۾ پهريون جز /ش/ ساڪن آهي، جنهنڪري ان مٿان جزم ڏيڻي، ان ڪي ساڪن آواز جي صورت ۾ نمايان ڪري سگهجي ٿو. آوازن جي انهيءَ قسم جي تقسيم (distribution) ڪيترن ئي مقالن ۾ ٿيل آهي (١). اگر ديوان لوڪنات عربي رسم الخط جي جزم، شد ۽ ٻين اعرابن (diacritical marks) سان واقف هجي ها، ته جيڪر عربي رسم الخط جي خلاف اِهي اعتراض هرگز نه لکي ها. لوڪنات صاحب صفحي ٣٧ تي جيڪي لفظ ديوناگريءَ ۾، عربي-سنڌي رسم الخط لکي ڏيکارڻ جي غرض سان لکيا آهن، اُهي هو بهو عربي-سنڌي خط ۾ لکجن ٿا، ته جيئن ڪيس باقي وهم به لهي وڃي ته ڪو عربي-سنڌي رسم الخط غير وگيانڪ آهي:

ديوناگري خط(٢)	عربي-سنڌي خط
पूर्ण	پُورُٽَ
चूर्ण	چُورُٽَ
धर्म	ڌَرُمَ
कर्म	ڪَرُمَ

(ب)-ديوان لوڪنات جو ٻيو اهم اعتراض هيءُ آهي ته

''ديوناگريءَ ۾ नंढो (ننڍو) لفظ ۾ هڪ 'ن' سڄو آهي ۽ ٻيو اڌ،

---

(١) Khubchandani, L., "Phonology and Morphophonemics of Sindhi", M.A. Thesis, Pensylvania University, 1961, pp. 12 & 16.

(٢) لوڪنات ص ٣٧.

جنهنڪري آچار پورو پورو ڪري سگهجي ٿو: پر سنڌيءَ ۾ 'ننڊو' لکجي ٿو قاعدي موجب انهيءَ جو اچار ٿيو ननढ़ो (ننَندو)، جو ته سنڌيءَ ۾ اڏ اڪري ٿئي ٿي ڪانه." اهي ستون ٿي ثابت ڪن ٿيون ته ديوان لوڪنات صوتياتي نظام ۾ ڪيتريقدر مهارت رکندڙ آهي. "ننڊو" ۾ سڄي 'ن' ۽ اڏ 'ن' جو هئڻ ڪنهن به ماهر بيان نه ڪيو آهي (١). سنڌيءَ ۾ اهڙا هزارين لفظ آهن ـ مثلاً: جنڊ، انب، انگ، سنج وغيره.

اول ته هيءَ ڏسڻو آهي ته جنهن نموني لفظ "ننڊو" اچارجي ٿو، اهڙي نموني نقاد پاڻ ديوناگريءَ ۾ لکي سگهيو آهي؟ ڪو به سنڌي ننَڊو ननढ़ो نه چوندو، پر 'ننڊو' جو اچار ڪندو नन्ढ़ो (ننڊو)، جو لوڪنات جي لکيت موجب नंढ़ो آهي ـ يعني خود سندس لکيت به درست ڪانهي.

(ب) ـ لوڪنات اڳتي لکي ٿو ته "پهو مزو ڪهڙو! 'فتوا' لکن 'فتويٰ' ۽ 'داوا' لکن 'دعويٰ'. ڀلا اها لپي و گيانڪ ڪيئن چئبي، جنهن ۾ اچار هڪڙو ته لکاوٽ ٻي؟ 'فتويٰ' ۽ 'دعويٰ' ۾ 'يٰ' جي ڪهڙي ضرورت آهي، ۽ انهيءَ جو اچار هن لفظ ۾ ڪٿي آهي؟" (٢). ساڳئي هنڌ وري لکي ٿو: "'خود' جو اچار ڪن 'خد'، هت 'و' جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ 'خوش' جو اچار ڪن 'خش'، هت 'و' جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

لوڪنات اگر ٿورو توجهه ڏئي ها ته کيس معلوم ٿي وڃي ها ته اهي لفظ سنڌيءَ ۾ اڌارا آيل آهن. ادبي زبان ۾ انهن جي لکيل صورت اهائي رکئي آهي، جيڪا صورت آنهن

---

(١) Khubchandani, L., pp. 13 & 02,
۽ پڻ ڏسو: خواجه غلام علي الانا: "سنڌي صوتيات"، اديات پبليڪيشنس، حيدرآباد، ١٩٦٧ع، ص ص ٨٣ ۽ ٨٤

(٢) لوڪنات ص ٣٥.

لفظن جي اصلي زبان ۾ آهي. اهڙا مثال انگريزي توڙي ٻين زبانن ۾ به ملن ٿا. انهيءَ ڪري ائين ڪونه چئبو ته عربي رسم‌الخط جڏو آهي. جن لفظن تي ڪيس اعتراض آهي، اهي عربي لفظ آهن، انهيءَ ڪري آهي لکت ۾ بلڪل ائين ٿي هڻ گهرجن، جيئن عربيءَ ۾ لکيا وڃن ٿا، چاهي سنڌ ۾ انهن جو اچار ڪهڙو به ڪيو وڃي. سر وليم جونز جو رايو آهي:

"Arabic syllabary is almost perfect for Arabic itself"(١).

انهيءَ ڪري عربيءَ سان ورتل اڌارن لفظن (Loan-words) جي لکت عربي رسم‌الخط موجب بلڪل درست آهي. انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي اسين انگريزن وانگر ڪونه ٿا اچاريون، پر انهن جي تحريري صورت آهائي قائم رکون ٿا، جا لغت موجب مجبل هوندي آهي. مثلاً:

تحريري صورت(٢)	انگريزي آچار	سنڌي آچار
walk	ووڪ	واڪ
talk	ٽوڪ	ٽاڪ
water	ووٽَ	واٽر
thin	ٿن	ٽن
they	ذي	دي
horse	هوس	هارس
tortoise	ٽوٽَس	ٽارٽائز
sing	سِڱ	سينگ

انهن سيني لفظن ۾ قابل توجهه لفظ /thin/ ۽ /they/ آهن، جن جو سنڌ ۾ اچار /ٿن/ ۽ /دي/ ٿيندو آهي. تربيت يافته صوتيات جا ماهر ٿي چاهن ٿا ته انگريزيءَ ۾ [ٿ] ۽ [ذ] آواز

(١) Firth, L.R., "Papers in Linguistics", p. 125.

(٢) Jones, D., "English pronouncing Dictionary", London, 1956.

ٿين ٿي ڪونه. انگريزي قانون موجب انهن جو اچار ٿيندو /اٿ/ ۽ /اذي/.

(ب)-مسٽر لوڪنات آمريڪا ۾ انگريزي اچارن کي سڌاري لکڻ جو حوالو ڏنو آهي، پر پاڻ شايد بيخبر آهي ته خود آمريڪا واري سڌاريل صورتخطي اتي جي صوتياتي اصولن موجب موزون نه آهي. مثال طور:

آمريڪي اچار	انگريزي اچار
(وادِڙ) /wa:dar/	(ووٽَ) /water/

رومن خط جي باري ۾ بلوم فيلڊ لکي ٿو:

—"The principle of a symbol for each phoneme is approached by our traditional alphabet writing, but our traditional writing does not carry it out sufficiently for the purpose of linguistic study. We write /sun/ and /son/ differently, although the phonemes are the same, but /lead/ (noun) and /lead/ (verb) alike, though the phonemes are different. The words /oh/, /owe/, /so/, /sew/, /sow/, /hoe/, /beau/, /though/ all end with the same phoneme, variously represented in writing; the words /though/, /bough/, /through/, /cough/ and end with different phonemes, but are all written with letters—*ough*. Our letter *x* is superfluous because it represents the same phoneme as /ks/ as in 'tax', or /gz/ as in 'examine'; our letter *c* is superfluous because it represents the same phoneme /k/ in 'cat' or as /s/ in '*cent*'. Standard Enghlish in Chicago has thirty-two simple primary phonemes; the twenty-six letters of our alphabet are too few

for a phonetic record. For some phonemes we use combinations of two letters (diagraphs) as *th* for the initial phonemes in /thin/, *ch* for that in /chin/, *sh* for that in /shin/, and *ng* for the final phoneme in /sing/''.

مٿين بحث کان پوءِ ﻳﻴﺪڙﮎ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ موجوده حالت ۾ عربي-سنڌي رسمالخط ئي موزون ٿيندو، انهيءَ تي ٺڏي دماغ سان سوچڻ جي ضرورت آهي.

٧- هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي اهڙن نڪتن تي بحث ڪيو ويو آهي، جي اسان لاءِ بلڪل نوان آهن. ايلس واري صورتخطيءَ جي اوٺاين تي بحث ڪندي جزم، وسرگائي، گهٽي سُرَ، نون غنّي ۽ همزي تي بحث ڪيو ويو آهي. جزم واري حصي ۾ منڍ ۽ وچ وارن ’گڏيل آوازن‘، ۽ انهن جي تحريري صورت تي ڪيل بحث سنڌ وارن لاءِ بلڪل نئون آهي. پڙهندڙن لاءِ بهتر ٿيندو تہ لکيل صورتون جيڪي اسان جي دماغ ۾ گهر ڪري ويون آهن، تن کي ڪجهہ وقت لاءِ وساري، لفظن جي منڍ ۽ وچ ۾ آيل ’گڏيل آوازن‘ جي اچارن تي غور ڪن، ۽ ڏسيل صورت تي اچار کان پوءِ سوچي ڏسن. لوڪنات بہ ٺڏهن منجهي پيو آهي، جڏهن هن صحيح صورت تي ويچار ئي نہ ڪيو آهي.

جزم جي بيان ۾، جزم جي غلط استعمال تي بہ لکيو ويو آهي. صاف ٻ گهن سُرن توڙي گهٽن ٻ گهن ۽ چوڻ سُرن جي لکت ۾، سنڌيءَ جي هر ڪتاب توڙي لغت ۾ جزم کي غلط نموني ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ درست لکڻيءَ لاءِ سفارش ڪيل آهي، جا قابل توجهہ آهي. ساڳيءَ طرح گهٽن ٻ گهن سُرن کي نمايان ڪرڻ لاءِ ’ن‘ استعمال ڪيو ويندو آهي، پر هيجي ۾ انهيءَ ’ن‘ جو ڪو هڪڙو قاعدو نہ آهي، جنهنڪري درست هيجي لاءِ سفارش ڪئي وئي آهي.

٨- هن ڪتاب ۾ انگريزيءَ جا ڪيترائي فني اصطلاح ڪتب آندا ويا آهن، جي پڙهندڙن کي ضرور مشڪل لڳندا،

چاڪاڻ ته علم صوتيات جي جديد فن اسان جي ملڪ ۾ اڃان تازو جنم ورتو آهي. جيتوڻيڪ اردوءَ ۾، انگريزي لفظن جا نعم‌البدل موجود آهن، پر اهي فني لحاظ کان ڪارگر نه آهن، انهيءَ ڪري اهي لفظ نظر انداز ڪيا ويا آهن؛ البت هنديءَ ۾ موزون لفظ ملن ٿا، جيڪي اسان جي زبان ۾ جيڪر انو کا ۽ عجيب لڳن ها، پر اهي هاڻ استعمال ٿي رهيا آهن.

صوتيات تي انگريزي لفظن جا نعم‌البدل سنڌيءَ ۾ ناهيا ويا آهن. اهڙا فني لفظ ۽ اصطلاح 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ انگريزي لفظن سميت ڏنا ويا آهن ته جيئن صوتيات جهڙي مشڪل موضوع جو سنڌي ۾ آسانيءَ سان مطالعو ڪري سگهجي.

هن ڪتاب جي لکڻ ۾ خاص مقصد هيءُ رکيل آهي ته سنڌي زبان جا عالم، استاد، تعليمي ماهر ۽ عربي رسم‌الخط جا ڄاڻو، سنڌيءَ جي موجوده صورتخطيءَ جو گهرو مطالعو ڪن، ۽ سنڌي زبان جي ابتدائي (پرائمري) ڪتابن توڙي لغتن ۾ ڪم ايندڙ تحريري صورتن جو علمي (scientific) لحاظ کان جائزو وٺن.

هيءُ ڪتاب لسانيات جي شاگردن لاءِ توڙي ٽريننگ اسڪولن ۽ ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن، اديبن، عالمن، فاضلن ۽ بي. اي.، بي. ٽي. توڙي ايم. اي. جي شاگردن لاءِ اميد ته گهڻي قدر ڪارگر ثابت ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ سنڌي صورتخطيءَ تي فني نقطہ نظر کان ڪابہ لکت، سنڌي توڙي بين زبانن ۾ موجود ڪانهي. مون کي اميد آهي ته سنڌي زبان جا سڄڻ هن ڪتاب مان گهڻو فائدو حاصل ڪندا.

سنڌي زبان جو فدائي
خواجه غلام علي الانا

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
۹-٦-۱۹٦۴ع

١- سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي لپي

سنڌي ٻولي هند-آريائي (Indo-Aryan) ٻولين جي اتر-هند واريءَ (North-Indian) شاخ جي ساڳئي بنياد مان آسرڻ ڪري نيپالي، ڪشميري، ڪري، هندي، مرائي ۽ لهندا جي مائٽ ٿئي (١). انهيءَ لحاظ سان سنڌس نسبت سنسڪرت سان ۽ آهي (٢). موجوده تحقيق جي بنا تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي پنهنجي سِر هڪ خودمختار ''سنڌي پراڪرت'' ٻولي هئي، جا سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. وراچڊ ۽ پشاچي آن جون

(١) هت ٻولين جي خاندان ۽ انهن جي شاخن تي بحث ڪرڻو نه آهي، البت ايترو لکڻ مناسب آهي ته اهي سڀ ٻوليون اندازاً (ممڪن آهي ته موجوده وقت هندڪو ٻوليءَ جو نالو ان جي بدليل صورت آهي) جي اتر-اولهه واري پراڪرت (ماهرن هن پراڪرت جو نالو آديچيه لکيو آهي) جا لهجا آهن.

(٢) خواجه غلام علي الانا: مقالو، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سماهي مهراڻ، نمبر ٢، ١٩٦٧ع

Also see: Jairamdas Daulatram "Ancestry of Sindhi Language," New Delhi, 1957.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي ته ''سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ''سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي'' آهي، جنهن تي بعد ۾ پالي پراڪرت جي معرفت سنسڪرت جو اثر ٿيو. (''سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ''، حيدرآباد ١٩٦٢ع، ص ص ٦، ١٠ ۽ ١٩).

پيئر ٻوليون هيون. اهو به ثابت ٿي چڪو آهي ته برصغير جي ڪابه مقامي ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل نه آهي، پر سنسڪرت ته پاڻ آڏيچه پراڪرت جي ٽڪس شلا واري خطي جي مقامي لهجي جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي، جنهن کي پهرين ''ڀاشا'' سڏيو ويو، ۽ پوءِ ان تي سنسڪرت (سنواريل ۽ سڌاريل) نالو رکيائون. انهيءَ لحاظ سان چئبو ته سنڌي ۽ سنسڪرت جو بُڻ بنياد هڪ ئي آهي، پر ساڳئي وقت اهو به چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت کان آڳاٽي ٻولي آهي.

٢- سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ قدامت جا اهڃاڻ

سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي لپيءَ جي قدامت جي اهڃاڻن لاءِ اسان وٽ عرب سياحن جا احوال موجود آهن، جي ثابت ٿا ڪن ته ديبل، منصوره ۽ ملتان ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون (١).

پير حسام الدين شاه راشديءَ جي حوالي مان معلوم ٿو ٿئي ته عربن جي دور ۾ سنڌي ٻولي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي به ويندي هئي؛ ۽ سن ٢٧٠هه/٨٨٣ع ۾ قرآن پاڪ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو به ڪيو ويو (٢).

تاريخ جي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جا رهاڪو، اسلام جي آمد کان به اڳ، پنهنجن پاڙي وارن ملڪن- عربستان، ايران ۽ افغانستان- سان واپاري ۽ تجارتي ڳنڍ سنڌ

---

(١) Elliot, H.E., "History of India" Vol. I, Trubner & Co:, London, 1867, pp. 35 & 39.

(٢) ڏسو پير حسام الدين راشديءَ جو مضمون، منصوره جي تاريخ جو هڪ باب، ''سماهي مهراڻ''، نمبر ١، جلد ١٠، حيدرآباد، ١٩٦١ع، ص ١٠٣.

رکندا هئا (١). نہ فقط ايترو، پر خود عراق، ايران ۽ افغانستان جا واپاري، عراق، بندر عباس ۽ بصري کان سنڌ جي سامونڊي ساحل ۽ دريائي بندرن تان ٿيندا، گجرات پاسي، سامونڊي ڪناري تي وسندڙ شهرن ۽ واپاري منڊين تائين ايندا هئا. اهڙيءَ طرح اسلام جي سنڌ ۾ آمد کان اڳ سنڌ جا هندو واپاري ۽ تاجر بہ ايران، عربستان، بلخ ۽ بخارا تائين ويندا هئا. انهيءَ اچ-وڃ ۽ واپاري ڏي-وٺ جوا ثر سنڌي ٻوليءَ تي بہ ٿيو، ۽ ڪيترن ئي لفظن جي مٽا سٽا ٿي.

عرب سياحن جي احوالن ۽ تاريخ ڪوجنائن مان ثابت ٿيو آهي تہ عرب حڪومت جي ابتدائي زماني ۾، بلڪ ان کان بہ اڳ، سنڌي زبان عام ماڻهن جي روزمره واري، ۽ تجارت توڙي واپار جي استعمال واري ٻولي هئي. اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾، عربي سرڪاري زبان جي حيثيت ۾، دفتري ۽ انتظاميہ ڪاروبار ۾ ڪم اچڻ لڳي، پر تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي سنڌ جي عام ماڻهن، واپارين ۽ عالمن وٽ مقبول هئي. هيءَ زبان ان وقت بہ نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي بہ ويندي هئي. اهڙو ثبوت اسلامي (عربي) حڪومت جي دور وارن سياحن جي احوالن مان ملي ٿو.

جاحظ (٨٦٤ع) لکي ٿو:

> ”سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو. انهن جو هڪ خاص سنڌي (هندي) خط آهي (٢).... “ الخ

---

(١) دين محمد وفائي: مقالو، سنڌي زبان جي مختصر تاريخ، ”مهراڻ جون موجون“، پاڪستان پبليڪيشنس، ڪراچي، ١٩٦٤ع، ص ٥١.

(٢) جاحظ: ”رساله فخر السودان علي البيضان“، اردو ترجمو، ”هندستان عربوں کی نظر میں“، جلد اول، دارالمصنفين، اعظم ڳڙهہ، ١٩٦٠ع، ص ص ٤-٧.

اهڙيءَ طرح اصطخري (٩٥١ع) بيان ٿو ڪري:

”منصوره، ملتان ۽ اُن جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي (١)“.

ساڳيءَ طرح مسعودي (٩٥٧ع) لکيو آهي:

”سنڌ جي زبان هندستان کان مختلف آهي. سنڌ اسلامي ملڪن سان قريبتر آهي. مهانگر يعني ولهيراءِ جي سلطنت جي تختگاهه جي ٻولي ’ڪري‘ آهي. هيءَ انهيءَ طرف ۽ پسگردائيءَ جي زبان آهي، مگر ثقيل آهي. سامونڊي ساحل، ’چيمور‘، ’سوپاره‘ ۽ ’ٿاڻي‘ وغيره ساحلي شهرن جي زبان ’لاڙي‘ آهي (٢)“.

ساڳيءَ طرح بشاري مقدسي (تصنيف ٩٨٥ع) لکي ٿو:

”ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا رهاڪو زياده‌تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي طغيانيءَ جي وقت شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشندا واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا (٣)“.

بلڪل ساڳيءَ طرح ابن نديم (٩٩٥ع کان پوءِ) جو راوي آهي:

”سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن، ۽ رسم‌الخط متعدد آهن. هنن جا تقريباً ٻه سؤ رسم‌الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ ٩ رسم‌الخط رائج آهن (٤)“.... الخ

---

(٢) اصطخري: ”المسالک الممالک“، ايضاً ص ٣٢٥.

(٢) ابوالحسن مسعودي: ”مروج الذهب و معاون الجوهر“، اردو ترجمو، حوالو ڏنو ويو آهي، ص‌ص ٢٨٨ ۽ ٢٨٩

(٣) بشاري مقدسي: ”احسن التقاسيم في معرفة“، ايضاً، ص‌ص ٣٨٥-٣٨٦

(٤) ابن نديم: ”الفهرست“، ايضاً، جلد دوم، ١٩٦٢ع، ص‌ص ٣-٤

اهڙيءَ طرح ابن حوقل پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي:

”منصوره، ملتان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي زبانون رائج آهن (١)“.

ساڳيو بيان البيرونيءَ هنن لفظن ۾ لکيو آهي:

”ڏکڻ سنڌ ۾، ڪاري واري خطي تائين، ’مالوَشائو‘ (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي ’مالواڙي‘ چئبو آهي. ٻَهمَنوا (المنصوره) ۾ ’سَئِندَو‘ رسم الخط ڪم ايندو هو. ’لاڙي‘ خط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو هو. ’ارڌناگري‘ رسم الخط ’ڀاٽيا‘ ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو (٢)“.

عرب سياحن جي سفرنامن نه فقط سنڌ جي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ ثبوت طور پيش ڪيو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻوليءَ، ۽ ان لاءِ ڪم ايندڙ ’لکتن‘ جي نمونن بابت به پتو پوي ٿو. جاحظ، ابن نديم ۽ البيروني جي احوالن مان ثابت ڪيو ويو آهي ته اسلام جي آمد وقت سنڌي ٻولي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر آها ڌار ڌار رسم الخطن ۾ لکي به ويندي هئي.

ڀنڀور جي ڊڙي جي تازي کوٽائي، سنڌي ٻوليءَ جي هن باب جي تحقيق ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿي آهي. هن کوٽائيءَ مان لڌل ٺڪرين تي لکيل حرف، انهن صديءَ جي ”آڳاٽي - ناگري“ (Proto-Nagari) نمونو جا آهن. هن کوٽائيءَ مان مليل ثابتين عرب سياحن جي حق گوئي ۽ راستبازيءَ جي ساک ڀري آهي. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٺڪريون هٿ آيون آهن، انهن تي لکيل اکرن جي باري ۾ آثار قديمه جي ڊائريڪٽر جو رايو آهي:

(١) Elliot, H.M., Op., Cit., p. 39.

(٢) Edward, C., Sachau, "Alberuni's India", Kegan paul Trench Trubner, London, 1910, p. 173.

”اهي اکر جيڪي رواجي ڪاريءَ مس سان لکيل آهن، سي ثابت ٿا ڪن ته مٽيءَ جي برتنن جون اهي ٺڪريون ٻاهران هرگز گهرايون نه ويون هونديون، يعني ته اهي ديسي ٺهيل هونديون (١)“.

آثار قديمه جي محڪمي طرفان ڀنڀور جي باري ۾ شايع ڪيل ”خبرنامي“ ۾ ٺڪرين جون تصويرون ڏنل آهن. انهن مان صفحي ٣٠ تي ڏنل تصويرن، نمبر ٩، ١٠ ۽ ١١، مان، ٩ ۽ ١١ نمبر وارين تصويرن وارين ٺڪرين تي هڪجهڙو رسم‌الخط يعني اردنا گري خط لکيل آهي. وچينءَ تصوير، يعني ڏهين نمبر تصوير ۾ لکيل اکر ”لوهاڻڪي“ يا ”لاڙي“ رسم‌الخط جا آهن. رسم‌الخط جا اهي ٻئي نمونا عرب سياحن جي بيانن کي صحيح ثابت ٿا ڪن، ۽ آثار قديمه جي ڊائريڪٽر جي راءِ کي سچو ثابت ٿا ڪن، ته اهي رسم‌الخط اسلام جي آمد کان اڳ واريءَ سنڌي ٻوليءَ جا اهڃاڻ ڏين ٿا. سامهون ڏنل تصويرن ۾ انهن لکتن جي جاچ کان پوءِ چٽي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي اسلام جي آمد کان به اڳ لکي ويندي هئي، جنهن لاءِ هڪ کان وڌيڪ لکيتون ڪم آڻڻ جو رواج هو.

هن بيان مان هي نتيجو ٿو نڪري ته جيئن سنڌي ٻولي قديم آهي، تيئن موجوده سنڌي ٻوليءَ جي لکت به قديم آهي، جنهن جا ڪي آڳاٽي ۾ آڳاٽا مثال ۽ اهڃاڻ ڀنڀور جي ٺڪرين مان

---

(١) Khan F.A., "Bhambhore Excavations", Department of Archaeology, Government of Pakistan, Karachi ,revised edition, 1963. pp. 29 & 30



تصوير نمبر ٩



تصوير نمبر ١٠



تصوير نمبر ١١

ڀنڀور مان لڌل اُنهن ٺڪرين
جون تصويرون، جن تي
سنڌ ۾ اسلام جي آمد
کان اڳ واري سنڌي
ٻوليءَ ۽ اُن جي لکت
جا نمونا ڏنل آهن.

ملن ٿا(١). پنهور واريءَ لکت مان هڪ، يعني تصوير نمبر ١٠ واري لکت پڙهي ويئي آهي. ماهوار نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر ١٩٦٨ع واري پرچي ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ انهيءَ لکت جي پڙهڻي آهي 'ٻڄر هَيدر'(٢). پهرينءَ سٽ ۾ لکيل آهي 'ٻڄر' ۽ ٻيءَ سٽ ۾ لکيل آهي 'هيدر'.

انهيءَ ٽڪريءَ تورڙي ٻين ٻن ٽڪرين تي لکيل لفظ، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي لکيل صورت جي املهہ نشاني آهن.

هن راءِ مان ثابت ٿو ٿئي تہ اسلام جي آمد کان اڳ سنڌي ٻولي ديسي رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي، جنهن جا هڪ کان وڌيڪ رسم الخط هئا، يعني هر قوم کي پنهنجو پنهنجو رسم الخط هو؛ ٻولي اهائي ساڳي يعني سنڌي هئي، پر لوهاڻا ان کي پنهنجي نموني پيا لکندا هئا، تہ ڀاٽيا پنهنجو رسم الخط پيا ڪم آڻيندا هئا. انهن کان سواءِ ٺٽائي ڀاٽين ۽ سيوهاڻي ڀاٽين جو رسم الخط الڳ الڳ هوندو هو. اهڙيءَ طرح 'راجائي' ۽ 'ونگائي' بہ رسم الخطن جا نالا هئا، جيئن البيرونيءَ 'مالواڙي' ۽ 'سئنڌو' رسم الخطن جا نالا ڏنا آهن.

---

(٢) هت موهن جي دڙي واري لکت کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين اها لکت پڙهي نہ ويئي آهي، ۽ اهو ثابت نہ ڪيو ويو آهي تہ اُن لکت واري ٻوليءَ جي ساخت ۽ سٽا ڪهڙي آهي، تيستائين موهن جي دڙي واري ٻوليءَ کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لفظن ۾ "قديم سنڌ جي ٻولي" چئبو، ۽ موهن جي دڙي واريءَ لکت کي قديم سنڌ جي ٻوليءَ جي لکت چئبو، ۽ نہ سنڌي ٻوليءَ جي لکت. پر پنهور واريءَ لکت کي سنڌي ٻوليءَ جي لکت چئبو.

(٢) ڏسو خواجہ غلام علي الانا جو مضمون: "اسلام جي آمد کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت"، "نئين زندگي". سيپٽمبر، ١٩٦٨ع، ص ٢٣.

هن راءِ مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي واپاري ڏي-وٺ ۽ عام استعمال واري ٻولي هئي، جا ان وقت به شاهوڪار، معياري ۽ وسيع ٻولي هئي. اُن ۾ نجوم، هيئت، طب ۽ ٻين علمن توڙي واپار، تجارت، روزانه استعمال جي شين، مختلف قسمن جي ڪپڙن، دوائن وغيره لاءِ لغتي خزانو هو. البيرونيءَ ان وقت جي ٻوليءَ جا جيڪي لفظ ڏنا آهن سي ضميمي ۾ ڏنا ويا آهن.

تيون ته 'بجر هيد^ر' لفظ وياڪرڻ جي لحاظ کان توڙي نحوي نقطہ نگاه کان نهايت ئي دلچسپيءَ سان پڙهڻ آهي. هن لفظ جي چنڊ ڇاڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته اڄ کان تيرهن سؤ ورهيه اڳ به سنڌي ٻوليءَ جي صفتي فقرن جي ساخت ۽ سٽاءَ ساڳي هو.

حاصل مطلب ته اسلام جي آمد کان به اڳ سنڌي ٻولي جدا جدا لکتن ۾ لکي ويندي هئي.

اهو چئي نٿو سگهجي ته عربي رسم الخط انهيءَ قديم خط جي جڳهه ڪڏهن والاري؛ يقيناً اسلامي فتوحات کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن (خاص طور مسلمانن) جلد ئي اسلامي خط (عربي خط) اختيار ڪيو هوندو (١).

٣- خواجڪي سنڌي صورتخطي

سنڌي زبان جي مختلف صورتخطين جي جاچ ڪندي، اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته اسلام جي ابتدائي زماني ۾ سنڌ جا مسلمان عام طور ڪهڙو خط ڪم آڻيندا هئا. البت، اڳتي هلي هن ڏس ۾ 'خواجڪو سنڌي خط' ۽ 'ميمڻڪو سنڌي

(1) Dr. Daudpota, U.M., article: Sindhi Literature, printed in "Cultural Heritage of Pakistan," Oxford University press, London, 1955, p. 155.

خط' ملن ٿا، جن جو حوالو ڪئپٽن جارج اسٽئڪ بہ ڏنو آهي (١).
ٻهريون خط، لوهاڻڪي خط (پنهور جي نڪريءَ وارو خط) ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻي، سنڌ ۽ ڪڇ جا نوان مسلمان (اسماعيلي خواجا)، سومرا دور (١٠٥١-١٣٥١ع) جي پوئين اڌ ۾ عام طور استعمال ڪرڻ لڳا. اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ جنهن لوهاڻا قوم سيدنا پير صدرالدين صاحب جي دعوت هيٺ اسلام قبول ڪيو هو، ۽ خواجہ (اسماعيلي) جو لقب حاصل ڪيو، ان قوم ۾ هي رسم‌الخط (پنهور واري نمبر ڏهين نڪريءَ وارو) اڳيئي رائج هو. ان ۾ پير صدرالدين صاحب ماترائون شامل ڪيون؛ ۽ ان سان گڏ پيا سڌارا ۽ واڌارا آڻي، ان تي "خواجڪي سنڌي" يا "چاليهہ اکري" نالو رکيائون (٢). سنڌس مراد هئي تہ نوان مسلمان

(١) اسٽئڪ جي.: "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر"، آمريڪن پريس، بمبئي، ١٨٤٩ع.

(٢) ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن رسم‌الخط جي باري ۾، پنهنجي ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ) جي صفحي ١١٤ تي، اسان جي دعوا تہ - خواجہ سنڌي صورتخطي پير صدرالدين ناهي هئي - تي تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ، "هيءَ راءِ محض هڪ خوش فهمي آهي." پر صاحب موصوف صفحي ١١٥ تي لکي ٿو تہ، "انهيءَ لاءِ پڻ "خواجہ جماعت" جي متفق روايت ۽ ماخذن جي تحقيق ضروري آهي: اول تہ اها صورتخطي پير صدرالدين ناهي يا ڪانئن اڳ يا پوءِ ڪنهن ٻئي داعيءَ ناهي؟ ٻيو تہ پير صدرالدين جي دعوت جو دائرو ڪشادو هو، انهيءَ ڪري اهو البت قرين قياس آهي تہ هن بزرگ "چاليهن اکرن" تي مشتمل صورتخطي ناهي هجي، جنهن ۾ گجراتي، ڪڇي، هندي توڙي خوجڪي سنڌيءَ ۾ نصيحتون ۽ 'گنان' لکيا ويا هجن. پر اهو چوڻ تہ هن بزرگ اها صورتخطي خاص 'سنڌي زبان' لاءِ ناهي، تنهن لاءِ علمي تحقيق ۽ تصديق جي ضرورت آهي" — ڏسو ص ص ١١٤ ۽ ١١٥.

(ڏسو صفحو ٢٥)

(اسماعيلي خـواجا) اسلامي نظرين ۽ اصولن کي پنهنجيءَ ٻولي ۾ سکن. هن خط ۾ لکيل ڪتاب موجوده وقت ۾ پاڪستان هندستان، برما، سيلون ۽ آفريڪا جا اسماعيلي پڙهندا آهن. هن صورتخطيءَ ۾ نه رڳو مذهبي ڪتاب لکيا ويا، پر ادبيات، تاريخ، هندسه ۽ فلسفي تي بـه ڪتاب لکيا ويا، جن مان ڪي قلمي نسخن جي صورت ۾، ۽ ڪي ڇپيل صورت ۾، برٽش ميوزيم لئبرري، انڊيا آفيس لئبرري ۽ انگلنڊ جي ٻين لئبررين ۾ رکيل آهن.

هيءَ خط چاليهن حرفن تي مشتمل آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۾ هن کي 'چاليهه اکري' به چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن کي ''خواجڪي سنڌي صورتخطي'' به سڏبو آهي، پر هندستان ۽ آفريڪا ۾ هن کي رڳو 'سنڌي' چوندا آهن. هن خط ۾ وينجنن (consonants) کان سواءِ، شروعات ۾ سُرن (vowels) لاءِ آٺ حرف (graphemes) هئا، پر پوءِ ان ۾ 'ڪي

(اڳيان صفحي ٢٤ تان)

ڊاڪٽر صاحب جنهن دعوا کي پهرئين بيان ۾ 'خوش فهمي' تو سڏي، تنهن ساڳيءَ دعوا کي اڳتي هلي قبول تو ڪري، ۽ قرين قياس قرار ڏيئي لکي ٿو ته ''واقعي اهو رسم الخط پير صاحب جو ٺاهيل آهي، پر خاص سنڌيءَ لاءِ نه.'' بهرحال اهو رسم الخط پير صاحب جو ئي، لوهاڻڪي خط مان سڌاري، ٺاهيل آهي، جو ان دور ۾ گجراتي، ۽ سنڌيءَ جي ڪڇي ۽ لاڙي لهجن جي لکت جون گهرجون پوريون ڪري سگهيو ٿي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي، گجراتي توڙي هندي ٻولين، جن ۾ پير صاحب جو ڪلام موجود آهي، تن جو صوتياتي نظام ذري گهٽ هڪجهڙو آهي. هيءُ رسم الخط ديوناگري رسم الخط جي نموني تي ٺاهيل آهي، تنهنڪري هن رسم الخط جو دائرو به پير صاحب جي ڪلام جي دائري وانگر ڪشادو آهي. هن ۾ هندستان جون اڪثر آريائي زبانون لکي سگهجن ٿيون.

ڪ ک گ گھ ڱ	Velar	نرم تارُون وارا
چ ڇ ج جھ ڃ	Palatal	سخت تارُون وارا
ٽ ٺ ڊ ڍ ڻ	Cerebrals	مورڌني
ت ٿ د ڌ ن	Dental	ڏندن وارا
پ ڦ ب ڀ م	Bilabial	ٻن چپن وارا
ٻ ڏ ڄ ڳ	Implosives	چوسڻ وارا ڌماڪيدار
و س ش ھ	Fricatives	گھڪيدار
ي ر ل ڙ	Semi-vowels, liquids and flaps	نيم سُر، روان ۽ ڦڙڪڻ وارا
ڊر ٽر ڪش	Rhotacised Consonants	ٻٽا حرفِ صحيح
آ آ اِ اِي اُ اُو اي او	Vowels	حرفِ علت

(۱)

نوٽ: مٿيون صورتون بعد ۾ ورهاڱي کان اڳ خواجڪي سنڌي خط ۾ شامل ڪيون ويون:
ف = ، ذ، ض، ظ، ز = ، خ = ، غ = ، ساڳيءَ طرح ٻڪي به ڏيکاريندڙ ٻن حرف علت
(diphthongs) لاءِ مٿيون صورتون ڪاڍيون ويون: او = ، ۽ اي =

(۱) ڊاڪٽر ڊالوديولو: "ڪلچرل هرٽيج آف پاڪستان"، ص ۱۴۶.

پد وارن پڙتن سُرن' (diphthongs) لاءِ ٻه حرف داخل ڪيا
ويا. صفحي ٣٦ تي هن صورتخطيءَ جا حرف ڏنا ويا آهن، جي
ڌار ڌار آوازن (sounds) جون لکيل صورتون آهن.

٤- عربي-سنڌي صورتخطي

هي سوال اڃا تحقيق طلب آهي ته سنڌ ۾ عربي-سنڌي صورتخطيءَ
جي شروعات ڪيئن ٿي، ۽ ڪڏهن ٿي؟

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي خيال موجب، عربي-سنڌي خط
جو قديم نمونو شاهه ڪريم بلڙائيءَ (١٥٣٦ع کان ١٦٦٣ع)
جي چيل ڪلام ۾ مليو (١). جيئن ته هن خط ۾ 'وسرگ
ڌوڪڻ آوازن' (aspirated plosive sounds) ۽ 'گهڻڻ سُرن'
(nasal vowels) ۾ ڪو به فرق ڏيکاريل نه آهي، انهيءَ ڏس
۾ هيءُ خط پاڻ وڌيڪ منجهائيندڙ آهي. شاهه ڪريم کان پوءِ
ٻين بزرگن جو ڪلام به عربي-سنڌي رسم‌الخط ۾ لکيل آهي.

٥- مخدوم ابوالحسن جي سنڌي

عربي-سنڌي رسم‌الخط جو حقيقي بنياد وجهندڙ مخدوم ابوالحسن
هو، جو ڪلهوڙن واري دور جي وڏن عالمن مان هڪ هو.
هن سنڌي زبان لاءِ جيڪو رسم‌الخط تيار ڪيو سو عام طرح
"ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان مشهور آهي. هن جي
ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو. جيئن
ته انهن ۾ اڪثريت بالغن جي هئي، انهيءَ ڪري هن ضروري
سمجهيو ته اهڙن عمر رسيده نومسلم ماڻهن لاءِ اسلامي اصول
سندن مادري زبان ۾ لکيا وڃن. پر جيئن ته سنڌيءَ لاءِ ڪا
مقرر صورتخطي ڪانه هئي، تنهنڪري هن اول صورتخطي ناهڻ
جو ارادو ڪيو. مخدوم صاحب عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت رکندو

(١) Daudpota U.M., Dr., article, Sindhi literature, "Cultural heritage of Pakistan", Oxford University press, Lodon, 1955, p. 156.

هو، ۽ سنڌي لاءِ عربي رسم‌الخط جي نموني تي صورتخطي بنائڻ جو ويچار ڪيائين. سنڌي آوازن سان برابري ڏيکاريندڙ عربي رسم‌الخط جا ٢٨ ئي حرف ڪنيائين (١)، ٽي حرف پارسيءَ مان ڪنيائين (٢)، ۽ باقي سنڌي آوازن لاءِ فارسي ۽ عربي حرفن جي ڀڃ-گهڙ ڪري نوان نشان ۽ حرف مقرر ڪيائين. هن جي صورتخطيءَ ۾ ڪل حرف هن ريت آهن:

عربي حرف:

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م ن و ه ي

پارسي حرف:

پ چ گ

---

(١) عربيءَ جي ب، ت، ج، د، ر، س، ش، ڪ، ل، م، ن، و، ه، ۽ ي صورتن وارا آواز سنڌيءَ ۾ اڳي ئي موجود هئا، باقي صورتون ـ ث، ذ، ص، ض، ط، ظ، ۽ ع ـ سنڌي رسم‌الخط ۾ قائم رکيائين، جي عربي لفظن کي درست لکڻ ۾ ڪم اچن ٿيون. خ، غ، ۽ ق حالانڪ سنڌي آوازن جون صورتون نه آهن، پر انهن صورتن وارا آواز سنڌ ۾ عربي صوتيات مطابق نه پر عربي مخرج ڪان اڳيرو، يعني ڪاڪڙي (uvula) ڪان اڳيرو، نرم تارونءَ (velum) جي پوياڻ (post-velar) آچارجن ٿا. عربي صوتيات موجب انهن جو مخرج ڪاڪڙو (uvula) آهي.

[ز] ۽ [ف] عربي اثر جي ڪري سنڌيءَ ۾ مروج ٿي ويا. اهي ٻئي آواز ديسي نه آهن.

(٢) پ، چ ۽ گ حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئا؛ صرف انهن جي تحريري صورت لاءِ پارسيءَ جا حرف ڪنيا ويا.

باقي سنڌي آوازن لاءِ نوان حرف:

ابوالحسن جي صورت	موجوده صورت
ب	ٻ
پ، بھ	ڀ
ٿ، تھ	ٿ
ٽ، تر	ٽ
ٺ	ٺ
ف، پھ	ڦ
ج	ڄ
ج	جھ
نج	ڃ
د، دھ	ڌ
ڏ	ڏ
ڊ، در	ڊ
ڊ	ڍ
ر	ڙ
ک، کھ	ڪ
گ	ڳ
گ	گھ
نگ	ڱ
ن	ڻ

مخدوم صاحب عربي رسم الخط ۾ سُرن (vowels) لاءِ ڪم ايندڙ سڀ حرف (vowel letters) ۽ اعرابون (diacritical marks)-زبر، زير، پيش، جزم ۽ شد-ڪم آنديون. ۽ سنڌيءَ جي ڊگهي گهُٽي (long-nasal vowels) ۽ ڇوٽي گهُٽي (short-nasal vowel) سُر کي 'تنوين' جي وسيلي تحريري صورت ڏني. مثلاً:

"سِيپِئِيٖ سَپ آڏاي ڪَنٿُوري ۽ زَعْفَران جيِ متي سه مَوٰلي ۽ ٻِيي نَهْرُ اهِينِ جيِ ڪَنَا تيه سِواءِ"

هن مثال ۾ آڏايءَ، سڀ، ٻيءَ ۽ نهرءَ لفظن ۾ يءَ، سڀ ۽ رءَ لاءِ موجوده صورتخطيءَ ۾ ٻَون، سهين ۽ روُن صورتون ڪم آئينديون آهن.

مخدوم ابوالحسن واري صورتخطي نه فقط نثر ۾، پر سنڌ جي ٻين حصن ۾ به تحرير جو وسيلو بني. ڪيترن ئي عالمن اسلامي نظرين ۽ اصولن، توڙي سنڌي نظم کي ان وقت هن ئي خط ۾ لکي ڪتابن جي صورت ۾ آندو. مطلب ته ١٨٥٣ع تائين هيءَ ئي خط ڪم ايندو رهيو (١)، پر جيئن ته سرڪاري طور ڪابه مقرر صورتخطي ڪانه هئي، انهيءَ ڪري ڌار ڌار مصنف، ساڳئي سنڌي آواز لاءِ، ڌار ڌار صورتون (graphemes) پيا ڪم آئيندا هئا. اُهي مصنف جيڪي عربيءَ کان زياده متاثر هئا، سي ابوالحسن وارو رسم‌الخط پيا ڪم آئيندا هئا، ۽ جيڪي فارسيءَ ڏانهن وڌيڪ مائل هئا، آهي هيٺيون ڌار ڌار صورتون پيا ڪم آئيندا هئا:

پ لاءِ پ ۽ ٻھ
ٽ لاءِ ٽ ۽ تھ
ٿ لاءِ ٿ ۽ تر
ڇ لاءِ ڇ ۽ چھ
ڙ لاءِ ر ۽ ڙ
ڏ لاءِ ڈ ۽ ڏ
ڻ لاءِ ن ۽ ڻ
ڪ لاءِ ک ۽ کھ

٦- ديسي سنڌي رسم‌الخط جا ڌار ڌار نمونا

ارڙهين صديءَ تائين سنڌيءَ لاءِ ڪابه سرڪاري طور منظور ڪيل صورتخطي ڪانه هئي. پارسي ادبي ۽ سرڪاري زبان هئي.

(١) ميمڻ محمد صديق: ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، پاڳو پهريون، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، ١٩٥٤ع، ص ص ١٥، ١٥٩-١٦٢.

نہ صرف مسلمان، پر اُھي هندو جن کي سرڪاري نوڪرين جي اُميد هئي، سي بہ پارسيءَ ڏانھن وڌيڪ توجهہ ڏيندا هئا. سنڌي سيني جي روز۽رہ جي زبان هئي. ميرن (حاڪمن) کان وٺي مهاڻن تائين، امير خواهہ غريب سنڌي ڳالهائيندا هئا. جيتوڻيڪ پارسيءَ جي پيٽ ۾ سنڌيءَ کي تعليم ۽ خط و ڪتابت لاءِ موزون نٿي سمجھيو ويو، تڏهن بہ هندو ۽ مسلمان واپاري، پنھنجو سمورو ڪاروبار، سنڌيءَ ۾ هلائيندا هئا. هندو ديوناگري نموني تي ٺاهيل هندو-سنڌي صورتخطي پيا ڪم آڻيندا هئا، جنھن کي ڪيترن ئي نمونن ۾ لکيو ويندو هو (١). نہ فقط سنڌي هندو جدا جدا خط پيا ڪم آڻيندا هئا، پر مسلمانن ۾ خواجا ۽ ميمڻ پنھنجي واپار ۽ ٻئي ڪاروبار لاءِ ڌار ڌار خط پيا ڪم آڻيندا هئا (٢). اسٽئڪ بيان ٿو ڪري تہ ”سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تحريري صورت لاءِ ڪيترائي خط ڪم اچن ٿا، جي سڀ سنسڪرت جي خط مان نڪتل آهن، ۽ انھيءَ واڌ.گر ڪاٻي کان ساڄي لکيا وڃن ٿا“ (٣). اُهي خط هي آهن:

١. خداوادي يا خدا آبادي (Khudawadi)
٢. شڪارپوري (Shikarapuri)
٣. ساکرو (Sakhru)
٤. ٺٽائي (Thattai) هن جا ٻہ قسم آهن: ١- لهاڻن وارو خط ۽ ٢- ڀاٽين وارو خط

(١) ڊاڪٽر بلوچ صاحب هندو-سنڌي صورتخطي مان مراد 'لنڊا اکر' ورتي آهي، جي سواءِ ماترائن جي لکيا وڃن ٿا. هندو سنڌي صورتخطيءَ جي هروڀرو اها مراد ڪانهي. خدا آبادي، ساکرو، ٺٽائي ۽ سيوهاڻي ديسي خطن ۾ ماترائون ڏنيون وينديون هيون.
See: Stack G., "Grammar of Sindhi Language" 1849, pp. 3-8.

(2) Ibid, also see: Aitken, E.H., "Gazetteer of the Province of Sind", Mercantile Steam Press, 1907, p. 472.

(3) Stack, G., Op: Cit., pp. 3-8.

۰۵ لاڙائي (Larai)
۰۶ ونگائي (Wangai)
۰۷ راجائي (Rajai)
۰۸ خواجڪو (Khuwajiko)
۰۹ ميمڻڪو (Memaniko) ميمڻڪي خط جا ٻه قسم آهن:
۱- ٺٽائي، ۽ ۲- حيدرآبادي
۱۰. سيوهاڻي ڀاٻڙڪو (Sewhani Bhabhira's)

ساڳيءَ طرح برٽن (Burton) لکي ٿو ته ''اهي خط جن ۾ سنڌي زبان لکي ويندي آهي، سي اکيچار آهن. مسلمانن ۾ ڪم ايندڙ، سامي خط کان سواءِ ٻه اٽڪل پنج خط ٿيندا، جيڪي سنڌ جا هندو توڙي مسلمان ڪم آڻيندا آهن'' (۱).

جهڙوڪ:

۱. خداوادي
۲. ٺٽائي – هن جا ٻه قسم آهن: ۱- لهاڻن وارو خط، ۽ ۲- ڀاٽين وارو خط.
۳. سرائي – اُتر سنڌ ۾ ڪم ايندڙ خط
۴. خواجڪو – خواجه قوم ۾ ڪم ايندڙ خط
۵. ميمڻڪو خط – ميمڻ قوم ۾ ڪم ايندڙ خط

انهن سڀني رسم الخطن جي لکت جو نمونو سامهون ڏجي ٿو:

۷- رسم الخط لاءِ سرڪاري ڪميٽي

۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو. ۱۸۴۵ع ۾ بمبئيءَ جي بورڊ آف ايجوڪيشن سنڌ ۾ ايجوڪيشنل ايجنسيءَ جي ٺاهڻ جو سوال هٿ ۾ کنيو. ساڳئي وقت اها تحريڪ به هلي رهي هئي ته سنڌيءَ کي صوبي جي سرڪاري زبان بنائجي. انهيءَ تحريڪ نيٺ مادري زبان (vernacular language) ۾

(1) Burton, R.F., "Sind and the races that inhabit the valley of river Indus", W. H. Allen & Co., London, 1851, P. 152.

SINDHI

THE ALPHABET.

Roman Characters.	Devanāgarī	Khudāwādī	Shikārpurī	Sakhar.	Thattai: Luhānās	Thattai: Bhātiās	Lārāī	Wangāī	Rajjāī	Khwājās	Maimon: Thattāī	Maimon: Haidarabādī	Sewhānī Bhagiās	Southern Lohndā
ta	त	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
tha	थ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
da	द	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
dha	ध	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
na	न	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
pa	प	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
pha	फ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ba	ब	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
bba	ॿ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
bha	भ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ma	म	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ya	य	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ra	र	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
la	ल	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
va	व	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
śa	श	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
sha	ष	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
sa	स	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ha	ह	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
Numerals				[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
				1	2	3		4	5	6	7	8	9	10

SINDHI

The Alphabet

Roman characters	Devanāgarī (ديوناگري)	Khudāwādī (خداوادي)	Shikārapurī (شڪارپوري)	Sakhar (سکر)	Thattāī (ٺٽائي): Luhāṇās (لوهاڻا)	Thattāī (ٺٽائي): Bhātiās (ڀاٽيا)	Lāṛāī (لاڙائي)	Wangāī (ونگائي)	Rajjāī (رجائي)	Khwājās (خواجا)	Maimons (ميمڻ): Thattāī (ٺٽائي)	Maimons (ميمڻ): Haidarābādī (حيدرآبادي)	Sewhāṇī (سيوهاڻي)	Southern Lahndā (ڏاکڻي لهندا)
ka	क	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
kha	ख	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ga	ग	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
gga	ॻ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
gha	घ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ṅa	ङ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
cha	च	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
chha	छ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ja	ज	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
jja	ॼ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
jha	झ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ña	ञ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ṭa	ट	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ṭra	ट्र	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ṭha	ठ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ṛa	ड़	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ḍḍa	ॾ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ḍra	ड्र	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ḍha	ढ	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]
ṇa	ण	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]	[illegible]

تعليم ڏيڻ جو سوال پيدا ڪيو (١). انگريز عملدارن مان ڪي سنڌي ڳالهائي سگهندا هئا، پر سنڌن عملي مان ڪوبہ ماڻهو سنڌي لکي نٿي سگهيو. ملڪ جو نظام ترجمانن (interpreters) ذريعي هلندو هو، ۽ سرڪاري دفتر پارسي زبان ۾ رکيو ويندو هو (٢).

١٨٤٨ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ هڪ حڪم نامو ڪيديو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بنايو وڃي. انهيءَ حڪمنامي جا لفظ هي آهن:

"We should introduce the language of the country (namely Scindhee) as the medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continued) can work effectually through a foreign medium of communicatiou, such as Persian or English. A period of 18 months should, therefore, be allowed to the officers in civil employ to qualify themselves for an examination in the Scindhee language. I believe their doing so will be facilitated by the publication of the dictionary and grammar which I proposed Lieutenant Stack should be allowed to have printed.

The recommendation of the Commissioner that "early measure to education, as in our other provinces," is no doubt judicious, but it were premature to take any measure for farming educational establishments, before our own European administrations have obtained

(1) Aitken, E.H., Op. Cit., p. 472

(2) Ibid.

a complete knowledge of the country and before we have trained up persons, fitted to impart knowledge in the Varnacular tongue''(1).

١٨٥١ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر، سر بارٽل فريئر (Sir Bartle Frere)، هڪ اطلاع نامو ڪڍيو، جنهن ۾ سرڪاري عملدارن (civil officers) کي هدايت ڪيل هئي ته هو سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن (٢). هن جي فرمان نامي ۾ چاڻايل هو:

(الف) آئينديءَ سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي.
(ب) يورپي ۽ ٻيا پڙهيل آفيسر سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن، ته سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سير حال احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌي لکپڙهه به سمجهي نيڪال ڪن.
(پ) سنڌي اسڪول کلن.

پر سنڌي ٻوليءَ کي جيستائين ڪا مقرر صورتخطي نه هئي، تيستائين اها سرڪاري لکپڙهه ۾ ڪم اچي نٿي سگهي. انهيءَ ڪري مسٽر ايلس (Ellis) اسسٽنٽ ڪمشنر جي صدارت هيٺ، اٺن مقامي ۽ ٻن يورپي ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي مقرر ٿي: انهيءَ ڪميٽيءَ تي هيٺيان ميمبر هئا:

راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ (.N.J.V هاءِ اسڪول ڪراچي هن جي نالي پٺيان ڪوٺجي ٿو)، خان بهادر مرزا صادق علي بيگ، ديوان پريداس انندرام رامچنداڻي، ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، ديوان ننديرام سيوهاڻي، ميان محمد حيدرآبادي، قاضي غلام علي

---

(1) James C. Melvill, "Scinde" (A copy of a report of Sir George Clerk, Governor of Bombay–1848 on the Administration of Scinde; East India House, 1854, pp. 15, Paras 68 & 69, under the heading. 'Sir George Clerk's minute on Scinde'.

(2) Ellis B.H., "Report on Education in Sind" Education Society press, Bombey, 1855, p. 5.

ٿي وارو، ميان غلام حسين ٻئي وارو، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ۽ ڪئپٽن برٽن. انهيءَ ڪميٽيءَ تي ٻه انگريز عملدار به کنيا ويا هئا.

انهيءَ لاءِ ته سنڌيءَ لاءِ ڪهڙن رسم‌الخط جي مقرريءَ تي هو پنهنجا مشورا ڏين. انهيءَ ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا رايا متضاد هئا، جنهنڪري صورتخطيءَ تي سخت بحث ٿيو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن، جيڪي لسانيات جا ماهر هئڻ سبب مشوري ڏيڻ لاءِ ڪميٽيءَ تي کنيا ويا هئا، تن ۾ به اختلاف ٿي پيو. ڪئپٽن اسٽئڪ جو رايو هو ته سنڌيءَ لاءِ ديوناگري رسم‌الخط مقرر ڪيو وڃي. پنهنجيءَ دعوا جي دليل ۾ هو پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي گرامر“ ۾ بيان ٿو ڪري:

”هن ڪم جي شروع ڪرڻ وقت، اول سوچڻو پيم ته ديسي لفظ ڪهڙي خط ۾ لکان. پنهنجي انتخاب لاءِ، منهنجي نظر ۾ سنڌي خط، رومن خط، پارسي خط، گرمکي خط، ۽ ديوناگري خط هئا(۱). پارسي خط کي انهيءَ ڪري ترڪ ڪيم، جو منهنجي اڳيان ’وادن جو گرامر‘ (Wathen's Grammar) ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب موجود هئا. پارسي خط مقرر ڪرڻ کان اڳ ڪيترن ئي نج سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون مقرر ڪرڻيون پون ها، جن جا آواز پارسي خط لاءِ انوکي حيثيت رکندڙ هئا. مون محسوس ڪيو ته اهو خط سنڌين لاءِ بلڪل ائين ٿيندو جيئن رومن خط، جنهن ۾ صورتن جا اضافا ڪجن ها يا تبديليون ڪجن ها، جيڪي پارسيدانن کي جيڪر عجيب لڳن ها.“

اسٽئڪ انهيءَ ڪري ديوناگري خط اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو، ۽ آن لاءِ هيٺيان ٻه دليل ڏنائين:

---

(1) Stack, G., "A Grammar of Sindhi Language", Op. Cit., P. 1.

(الف) هن خط کان يورپي عملدار بخوبي واقف آهن؛

(ب) هيءُ خط سنڌي زبان لاءِ بنيادي خط آهي.

اسٽڪ، ديوناگري حرفن ۾ ڪي نشان گڏي، سنڌي آوازن لاءِ صورتون به مقرر ڪيون هيون.

ٻئي طرف ڪئپٽن برٽن زور آندو ته سنڌي زبان لاءِ عربي-سنڌي خط ئي زياده موزون ٿيندو(١). پنهنجيءَ دعوا جي دليل ۾ هو لکي ٿو ته ”سنڌي زبان لکڻ لاءِ ديوناگري توڙي پيا ڪيترائي خط چو نه هجن، پر آهي سڀ انهن جي موجوده صورت جي ڪري بيڪار آهن.“ هن ان لاءِ هيٺيان سبب ڄاڻايا آهن:

١- ديوناگري خط يقيناً عالماڻو خط آهي، انهيءَ ڪري هيءُ خط لغت، گرامر ۽ اهڙن ٻين ڪمن لاءِ بهتر ٿيندو، جيڪي غير سنڌين (Europeans) کي سنڌي زبان سيکارڻ جي مراد سان لکيا ويا هجن. پر، ساڳئي وقت، ديوناگري خط ۾ ڪيتريون اوڻايون به آهن. گهڻن ۾ گهڻا اهڙا ويهه حرف آهن جن کي اعرابن (diacritical marks) ڏيڻ جي ضرورت ٿيندي، جيئن مختلف آوازن جي حرفن(٢) کي ڌار ڌار سمجهي سگهجي. ازان سواءِ هيءُ خط دفتري ڪاروبار لاءِ گهڻو دشوار ثابت ٿيندو. انهيءَ کان سواءِ هيءُ خط ماڻهو آسانيءَ سان سکي به نه سگهندا، جو هي بلڪل غير مانوس خط آهي.

---

(1) Burton, R.F., "Sind and races that inhabit the Valley of River Indus", Op. Cit., P. 147.

(٢) سنڌي عالمن آوازن ۽ حرفن کي هڪ ڪري لکيو آهي، ۽ انهن ۾ فرق نه سمجهيو آهي. دراصل حرف يا اکر (grapheme)، آواز (sound) جي لکيل صورت (symbol) آهي.

٢- خداوادي (خدا آبادي) خط لاءِ ڪيل سفارش جي مخالفت ۾ برٽن صاحب دليل ڏيندي لکيو آهي ته حالانڪ هيءُ خط هندن جي بااثر حلقي ۾، يعني واپارين ۾، عام طور استعمال ٿئي ٿو، پر ان جي موجوده صورت عام فهم نه آهي.

٣- گرمکي خط لاءِ لکي ٿو ته حالانڪ گرمکي خط ديوناگريءَ جو هڪ آسان نمونو آهي، پر اهو پنجابيءَ لاءِ ئي موزون آهي، سنڌيءَ لاءِ موزون ٿي نٿو سگهي. هن خط جي مقرر ڪرڻ لاءِ، ديوناگري خط وانگر، حرفن ۾ گهٽيون تبديليون آڻيون پونديون.

٤- برٽن، ڪميٽيءَ تي زور آندو ته عربيءَ جو نَسخِي خط(١) سنڌ جي حالتن جي لحاظ کان نهايت ئي موزون ٿيندو. هن خط جي خوبي ان مان ئي ظاهر آهي ته الجيريا کان گنگا نديءَ تائين، بخارا کان سلون تائين، هيءُ خط پکڙيل آهي. صدين تائين هن خط کي آزمايو ويو آهي، ۽ ٿوري ڦير گهير سان مختلف زبانن لاءِ ڪارگر سمجهيو ويو آهي. هن جي خاص خوبي هيءَ آهي جو ٿوريءَ تبديليءَ سان هندستان (برصغير هند-پاڪ) جي مورڌني (celebrals)، ايرانَ جي روان (liquids) ۽ عربستان جي نڙيءَ وارن (gutturals) آوازن لاءِ عربي رسم الخط جون صورتون مقرر ڪيون ويئيون

---

(١) برٽن جي بيان موجب، سنڌي ماڻهو ڪتابت جي هنر ۾ مشهور رهيا آهن. هو لکي ٿو ته ”موجوده وقت سنڌ ۾ ٽي عربي خط عام آهن: نسخي خط، نستعليق خط يا چٽا اکر (plain writing) ۽ شڪسته خط (broken writing). مون نسخي خط جا بهترين نمونا ڏٺا آهن. منهنجي خيال ۾ نسخي خط سنڌ ۾ بهترين نموني لکيو وڃي ٿو.“ ڏسو:

Burton, R.F., "Sind and races that inhabit the Valley of River Indus", Op. Cit., P. 147.

آهن. هن خط کي ايشيا جو اعليٰ ترين (par excellence) رسم‌الخط چئي سگهجي ٿو.

نسخي خط جي سفارش لاءِ، برٽن ڪميٽيءَ اڳيان وڌيڪ هيٺيان دليل پيش ڪيا:

١- سنڌ جو سمورو ادب قديم زماني کان وٺي هن ئي خط ۾ ملي ٿو؛

٢- سڀيئي پڙهيل مسلمان هيءُ خط پڙهي سگهن ٿا، ۽ منجهانئن اڪثر لکي به سگهن ٿا؛

٣- جيتوڻيڪ هندو عامل هيءُ خط پڙهي نٿا سگهن، پر اها تسليم‌شده حقيقت آهي ته سنڌي عامل نستعليق خط (پارسي خط) مان چڱيءَ طرح واقف آهن، تنهنڪري هيءُ خط انهن لاءِ مشڪل نه ٿيندو.

٨- ايلس واري صورتخطي.

ٻنهي انگريز عملدارن (ڪميٽيءَ جي ميمبرن) ۾ اختلاف جو نتيجو هيءُ نڪتو جو حڪومت ڪنهن به هڪ خط جي مقرريءَ لاءِ ڪو قدم کڻي نه سگهي. وقت جا عملدار منجهي پيا، ۽ ١٨٥٣ع تائين سرڪاري طور سنڌيءَ ۾ هڪ به ڪتاب ڇپجي نه سگهيو. انهيءَ وچ ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ، پنهنجي انگريزي ۽ سنڌي ڊڪشنرين ۽ گرامر جي ڇپائڻ ڪري، سنڌي زبان جي شاگردن لاءِ لڪ جون سهولتون مهيا ڪيون. پر مسٽر ايلس (Ellis)، اسسٽنٽ ڪمشنر، ۽ رسم‌الخط ڪميٽيءَ جي صدر، پنهنجيءَ رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته ”منهنجي خيال موجب اهي ڪتاب سنڌين جي نظر ۾ سنڌي نه آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ جيڪا صورتخطي (ديوناگري) اختيار ڪئي ويئي آهي سا ڪن ٿورن ماڻهن کان سواءِ، اڪثريت وٽ ڇاڻل سڃاتل ڪانهي“(١).

(1) Ellis, B.H., "Report on the Education in Sind", Bombay, 1855, P. 8.

گهڻي ويچار کان پوءِ ايلس هن مسئلي جو حل ڪڍيو، ۽ فيصلو ڪيائين ته سنڌي زبان لاءِ عربي-سنڌي صورتخطي اختيار ڪئي وڃي. هن اهڙي قسم جي هڪ رپورٽ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر کي ڏني(١). پنهنجي فيصلي لاءِ هن هيٺيان سبب ڄاڻايا آهن:

١- ڌار ڌار صورتخطين لاءِ گهُر ـــ هڪ هندن لاءِ ۽ هڪ مسلمانن لاءِ ـــ بلڪل ائين آهي، جيئن هندستان جي اتر-اولهه علائقي ۾ هنديءَ ۽ اردوءَ لاءِ. اهڙي قسم جو حل، ممڪن آهي ته سنڌ جي ٻنهي قومن يعني هندن ۽ مسلمانن کي خوش ڪري، ۽ ائين ڪرڻ سان اسين شايد ٻنهي وڪيلن (ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن) جي ضد کي پورو ڪري سگهون. هيءَ فيصلو شايد ثابت ڪري ته ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن ٻئي بلڪل درست هئا. ليڪن 'خداوادي خط' ۾ ايترا ڪتاب نه لکيا ويا آهن، ۽ نه وري انهيءَ خط کي فني لحاظ سان سڌاريو ويو آهي، جو اهو عام استعمال لاءِ ڪم اچي سگهي. هن خط ۾ جيڪي تبديليون ضروري آهن، سي عربي خط جي مقابلي ۾ زياده آهن.

٢- هندو-سنڌي اسڪولن جي ٻوڙتي ٻيل حالت ۽ اُستادن جي پاڙهڻ جو عجيب طريقو ڏسي، اهو محسوس ڪيو ويو آهي ته مسلمانن جي مقابلي ۾ هندن جو توجهه علم جي تحصيل ڏانهن گهڻو گهٽ آهي.

٣- جيڪڏهن سنڌي زبان لاءِ خداوادي خط اختيار ڪيو ويو ته مسلمان ٻار پنهنجا اسلامي نالا درست لکي نه سگهندا. اهڙي قسم جي رسم الخط کي هو هرگز قبول نه ڪندا.

٤- پارسي زبان جنهن خط ۾ لکي وڃي ٿي، سو عربي-سنڌي خط جهڙو هوبهو آهي. پارسي جيئن ته سرڪاري دفتري

---

(1) Ellis, B.H., Op. Cit., P. 8.

زبان رهي آهي، تنهنڪري ڪوبہ سنڌي عملدار، هندو خواهہ مسلمان، عربي- سنڌي خط سکڻ ۾ گهٽا ڏينهن نہ لڳائيندو.

۵- سنڌيءَ جا اهڙا ڪيترائي ڪتاب آهن، جيڪي عربي- سنڌي خط ۾ لکيل آهن. انهيءَ خط ۾، ڪن آوازن جي صورتن لاءِ عربي رسم‌الخط جي صورتن کي نقطا ڏيئي، سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون قائم ڪيون ويئيون آهن.

٦- سنڌ ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي؛ ڇئن مسلمانن جي مقابلي ۾ هڪ هندو آهي. انهن سببن ڪري، عربي- سنڌي رسم‌الخط، جنهن لاءِ مسلمانن شروع کان گهڻو ڪئي آهي، سو سنڌيءَ لاءِ سرڪاري طور قبول ڪيو وڃي.

١٨٥٣ع ۾، سر بارٽل فريئر جي سفارش تي، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن فيصلو ڪيو تہ عربي- سنڌي رسم‌الخط کي آزمائش طور اختيار ڪيو وڃي(١).

٩- ايلس جي ٺاهيل صورتخطيءَ جون خصوصيتون.

ايلس صاحب گهڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، سنڌي ماهرن تي مشتمل ڪميٽيءَ جي مدد سان، سنڌي زبان لاءِ صورتخطي مقرر ڪئي. مٿي بيان ڪيل نج سنڌي آواز، جن جون صورتون عربي ۽ پارسي رسم‌الخطن مان مخدوم ابوالحسن ورتيون هيون، سي قائم رکيائين(٢)؛ باقي رهيل نج سنڌي آوازن لاءِ عربي حرفن ۾ ڦير گهير ڪري، يا انهن کي زائد نقطا ڏيئي، يا ڪي نوان نشان بنائي، سنڌيءَ لاءِ موزون صورتخطي بناياٿين. مخدوم ابوالحسن واري اڳوڻي صورتخطي، جيڪا سنڌ ۾ عام طور ڪم تي آندي ويئي، ايلس ڪيس بنيادي صورتخطيءَ طور ڪم آڻي

(1) Aitken, E.H., Op. Cit., P. 474.

(٢) ب، ت، ج، د، ر، س، ش، ڪ، ل، م، ن، و، ھ ۽ ي، توڙي پ، چ ۽ گ صورتون، نج سنڌي آوازن جون لکيل صورتون آهن ڏسو ص ٢٨).

انهيءَ رسم‌الخط جي آثار تي ئي هن پنهنجي صورتخطي ٺاهي(۱). هن عربيءَ جا ۲۸ ئي حرف، ۽ پارسيءَ جا ۳ حرف آڻ ۾ شامل ڪيا، جيئن مخدوم ابوالحسن ڪيو هو. پارسيءَ جي ٽنهي حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ اڳيئي موجود هئا، صرف صورتون پارسي خط جون اختيار ڪيون ويئيون، ڇاڪاڻ جو اهي صورتون عربي رسم‌الخط ۾ موجود نه هيون. عربيءَ جي ۲۸ صورتن مان ڪن جا آواز ته سنڌي زبان جا پنهنجا آواز هئا، باقي جيڪي نج عربي صورتون سنڌي رسم‌الخط ۾ شامل ڪيون ويئيون هيون، تن جو اڳئين صفحي ۾ ۽ ۲۸ صفحي تي هيٺ حاشيءَ ۾ تفصيل ڏنل آهي. اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته عربي ۽ پارسي صورتن ۾ نج سنڌي آوازن مان ڪن جون صورتون اڇي ويئيون هيون، ڇاڪاڻ ته اهي آواز عربي يا پارسيءَ ۾ موجود هئا. باقي اهي آواز جيڪي عربي يا پارسيءَ ۾ موجود نه هئا، اهي ڪل ويهه (چند وسر گن ڪان سواءِ) هئا، جن لاءِ مخدوم ابوالحسن وارن سنڌي حرفن ۾ تبديليون ڪري، نوان حرف مقرر ڪيائين، جي هن ريت آهن:

ايلس	ابوالحسن
ٻ	ب
ڀ	پ، ٻهه
ٿ	ٿ، ٿهه
ٽ	ٽ، ٽر
ٺ	ٺ، ٺهه

(۱) عربي آواز جيڪي سنڌي صوتيات جي صورت وٺي چڪا آهن، انهن جون صورتون ساڳيون رکيائين. انهن آوازن واريون صورتون آهن: خ، غ، ف، ز ۽ ق (ڏسو ص ۲۸). ث، ح، ع، ذ، ص، ض، ط ۽ ظ صورتن وارا آواز ڪوبه سنڌي، پڙهيل خواهه اڻپڙهيل، اُچاري نٿو سگهي؛ اهي صرف لکت ۾ ڪم اچن ٿا.

ف، پھ	ڦ
ج	ڄ
ج	جھ
نج	ڃ
چھ	ڇ
د، دھ	ڌ
ڈ	ڏ
د، در	ڊ
ڊ	ڍ
ر	ڙ
ک، کھ	ک
گ	ڳ
گ	گھ
نگ	ڱ
ن	ڻ

حاصل مطلب تہ ايلس واريءَ صورتخطيءَ جيڪو نئون ”روپ“ ورتو، سو اڄ ڏينهن تائين ڪم اچي رهيو آهي. هيءَ صورتخطي ۵۲ حرفن تي مشتمل آهي(۱). عربيءَ وارو ”ء“ بہ

(۱) سنڌي صوتيات جي اصول موجب، سنڌيءَ ۾ وسرگ آواز ايلس جي مقرر ڪيل آوازن کان زياده آهن، پر صورتخطي ناهڻ وقت ڪن وسرگ آوازن جون صورتون الائجي ڪهڙي سبب نظرانداز ڪيون ويئيون؛ اهي چڱي ڏنل آواز هي آهن:
[مھ] ٻن چپن وارو وسرگ گهٽو وينجن
(bilabial aspirated nasal)
[نھ] مهارن وارو وسرگ گهٽو وينجن
(alveolar aspirated nasal)
[ڙھ] مورڌني وسرگ ڦڙڪيدار وينجن
(retroflexed aspirated flap)
[لھ] مورڌني وسرگ پاسيرو وينجن
(retroflexed aspirated lateral)

جيتوڻيڪ سنڌي صورتخطيءَ ۾ وينجن (consonant) طور شامل ڪيو ويو، پر اهو دراصل سنڌي توڙي اردوءَ جي صوتيات ۾ وينجن طور ڪم نٿو اچي(۱)*.:

مذڪور ايلس واريءَ صورتخطي جي پٽيءَ جي موجوده صورت هيءَ آهي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ(۲) ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ه ء ي.

---

(۱) مولوي عبدالحق: "قواعد اردو"، انجمن ترقي اردو پريس، اورنگ‌آباد، ۱۹۲٦ع، ص ٧.

* ۴۱ ۽ ۴۲ صفحي جي اڀياس کان پوءِ چٽبو ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٥٦ حرف آهن. 'ء' تي، صفحي ٥٧ ۽ ٥٨ تي وضاحت سان بحث ڪيو ويو آهي. سرن مان صرف [ا] کي الف-ب جي پٽيءَ ۾ داخل ڪيو آهي، باقي نوَ سر الف-ب جي پٽيءَ ۾ داخل نه ڪيا ويا آهن. [ا] جي به وضاحت ٿيل نه آهي ته اهو ڏگهو سر آهي يا ڇوٽو.

(۲) تازو سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل "جامع سنڌي لغات" ۾ 'ڦ' کي 'ف' جي پٺ ۾ رکيو ويو آهي. ان لاءِ دليل هي ڏنل آهي ته ٻنهي جي صورت هڪجهڙي آهي. دراصل اهو سنڌيءَ جي صوتياتي نظام (Sindhi Phonetic System) کان غيرواقفيت جو نتيجو آهي، ورنه 'ڦ' کي 'پ' کان پوءِ رکڻ گهرجي ـــ جيئن ٿ کان پوءِ ت، ڇ کان پوءِ چ، ڌ کان پوءِ د، ک کان پوءِ ڪ وغيره. [ڦ] ٻن چپن وارو هلڪو ڌوڪڻو وينجن (voiceless aspirated bilabial plosive) آهي، جو [پ] جو جوڙ آهي. [پ] ٻن چپن وارو هلڪو اوسَرَڳ ڌوڪڻو (voiceless unaspirated bilabial plosive) آهي. انهيءَ ڪري 'ڦ' کي 'پ' کان پوءِ رکڻ صوتيات جي اصولن موجب درست ٿيندو.

ايلاس جي صورتخطيءَ ۾ وڌيڪ خصوصيتون هي آهن:

وينجن (Consonants)

١- هيءَ صورتخطي روزمره واريءَ سنڌيءَ (Spoken Sindhi) جي قريباً سيني آوازن(١) جي صورتن تي مشتمل آهي.

٢- پارسي(٢) ۽ اردوءَ(٣) وانگر، سيني حرفن جا ڌار ڌار چار روپ (shapes) — ابتدائي يا مُنڍ وارو (initial)، وچيون (medial)، آخري (final) ۽ سالم (independent) — آهن، جن جو مدار لفظ ۾ پر واري حرف سان ڳنڍجڻ يا نہ ڳنڍجڻ تي آهي. مثلاً:

سالم	مُنڍ وارو	وچيون	آخري
ا	ا	—	ﺎ
ب	ﺑ	ﺒ	ﺐ
ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
ڀ	ڀ	ڀ	ڀ
ت	ﺗ	ﺘ	ﺖ
ٿ	ٿ	ٿ	ٿ
ٽ	ٽ	ٽ	ٽ
پ	ﭘ	ﭙ	ﭗ
ٺ	ٺ	ٺ	ٺ
ج	ﺟ	ﺠ	ﺞ

(١) [مھ، نھ، ڙھ ۽ لھ] آوازن جي صورتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي.

(2) Paper, H.H., "The Writing System of Modern Persian", American Council for Learned Societies, Washington, 1955, P. 2.

(3) William Bright, "Urdu Writing System", Ibid, P. 2.

سالم	مُنڍ وارو	وچيون	آخري
جھ	جھـ	ـجھـ	ـجھ
ڊ	ڊ	—	ـڊ
ڙ	ڙ	—	ـڙ
س	سـ	ـسـ	ـس
ص	صـ	ـصـ	ـص
ط	طـ	ـطـ	ـط
ع	عـ	ـعـ	ـع
غ	غـ	ـغـ (١)	ـغ
ڦ	ڦـ	ـڦـ	ـڦ
ڪ	ڪـ	ـڪـ	ـڪ
ک	کـ	ـکـ	ـک
گ	گـ	ـگـ	ـگ
ل	لـ	ـلـ	ـل
م	مـ	ـمـ	ـم
ن	نـ	ـنـ	ـن
ڻ	ڻـ	ـڻـ	ـڻ
ھ	ھـ	ـھـ	ـھ
ي	يـ	ـيـ	ـي

٣- ا، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ، ز، ۽ و، ڪنهن به لفظ ۾ پوئين حرف سان ملايا نه ويندا آهن. اهي حرف، اڳئين حرف سان ڳنڍجي سگهجن ٿا، بشرطيڪ اڳيون حرف به ڳنڍيندڙ هجي. مثال طور:

آب — الف پوئين حرف سان مايل نه آهي.

---

(١) سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل پارائي ڪتاب ۾ غ جي وچين صورت 'ـغـ' جي بدران 'ـغ' اختيار ڪئي ويئي آهي، اها صورت عربي رسم الخط موجب 'ـغـ' هئڻ گهرجي.

آس   الف پوئين حرف سان ملیل نہ آهي۔
پاسو   ايضاً
رات   ر ۽ ا پوئين حرف سان ملیل نہ آهن۔
رَستو   ر   پوئين حرف سان ملیل نہ آهي۔
ڪرڻ   ر   ايضاً
دري   د ۽ ر پوئين حرف سان ملیل نہ آهن۔
رڏل   ر ۽ ڏ   ايضاً
ٻڏ   ڏ پهرين حرف سان ملیل آهي۔
چوڻ   و پوئين حرف سان ملیل نہ آهي۔

هيٺ ڏنل لفظن ۾ حرف، ڪنهن بہ روپ ۾، هڪبئي سان بہ ڳنڍجي نٿا سگهن. مثلاً:

واڍو	ڊور
دوا	رڍ
ڏارَ	آڏِ
واڙ	زور

۴- ڪن حرفن جي بنيادي صورت هڪ آهي۔ ڌار ڌار آوازن جي سڃاڻپ لاءِ، ڪنهن هڪ ئي صورت ۾ نقطن جي گهٽ وڌ ترتيب سان، ڌار ڌار صورتون ٺاهيون ويئيون آهن۔ مثلاً:

ب (ٻ) هيٺان هڪ نقطو (.) [ب] (ڳرو اوسرگ ٻن چپن وارو ڌوڪڻو آواز)

ڀ (ٻ) هيٺان ٻہ نقطا (:) [ڀ] (ڳرو ٻن چپن وارو چوسڻو آواز)

پ (ٻ) هيٺان چار نقطا (::) [پ] (ڳرو وسرگ ٻن چپن وارو ڌوڪڻو آواز)

ت (ٻ) مٿان ٻہ نقطا (") [ت] (هلڪو اوسرگ ڏندن وارو ڌوڪڻو آواز)

ٿ (ٻ) مٿان چار نقطا (::) [ٿ] (هلڪو وسرگ ڏندن وارو ڌوڪڻو آواز)

ٽ (ب) مٿان ٽي نقطا (ٜ) [ٽ] (هلڪو اوسرگ مورڏني ڏوڪڙو آواز)

ٿ (ب) مٿان ٻه نقطا (ٗ) [ٿ] (هلڪو وسرگ مورڏني ڏوڪڙو آواز)

پ (ب) هيٺان ٽي نقطا (ٜ) [پ] (هلڪو اوسرگ ٻن چپن وارو ڏوڪڙو آواز)

ج (ح) وچ ۾ هڪ نقطو (٠) [ج] (ڳرو اوسرگ سخت تارونءَ وارو ڏوڪڙو آواز)

ڃ (ح) وچ ۾ ٻه نقطا (ٗ) [ڃ] (ڳرو سخت تارون وارو چوسڙو آواز)

چ (ح) وچ ۾ ٻه نقطا (¨) [چ] (ڳرو سخت تارونءَ وارو گهڻڙو آواز)

ڇ (ح) وچ ۾ چار نقطا (∷) [ڇ] (هلڪو وسرگ سخت تارونءَ وارو ڏوڪڙو آواز)

د (د) نقطن کان سواءِ — [د] (ڳرو آوسرگ ڏندن وارو ڏوڪڙو آواز)

ڌ (د) مٿان ٻه نقطا (¨) [ڌ] (ڳرو وسرگ ڏندن وارو ڏوڪڙو آواز)

ڏ (د) مٿان ٽي نقطا (ٜ) [ڏ] (ڳرو مورڏني چوسڙو آواز)

ڊ (د) هيٺان هڪ نقطو (.) [ڊ] (ڳرو اوسرگ مورڏني ڏوڪڙو آواز)

ڍ (د) هيٺان ٻه نقطا (..) [ڍ] (ڳرو وسرگ مورڏني ڏوڪڙو آواز)

ڳ (گ) هيٺان ٻه نقطا (‥) [ڳ] (ڳرو نرم تارونءَ وارو چوسڙو آواز)

ڱ (گ) مٿان ٻه نقطا (¨) [ڱ] (ڳرو نرم تارونءَ وارو گهڻڙو آواز)

(......)

سر (Vowels)(١)

ابوالحسن جي سنڌيءَ وانگر، ايلس جي صورتخطيءَ ۾ به ڏهه(٢) سُرَ آهن:

---

(١) هن ڪتاب ۾ حرف علت جي بدران 'سُرَ' لفظ ڪم آندو ويو آهي جو وڌيڪ درست ۽ موزون آهي. سنسڪرت ۾ سُرَ کي 'سُوَرَ' ڪوٺيندا آهن.

(٢) سنڌي گرامرن ۾ سنڌيءَ جا صرف ٽي سُرَ (حرف علت) ڄاڻايا ويا آهن: ا، و ۽ ي. دراصل [و] ۽ [ي] سُرَ نه آهن. خود ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به [ا، و ۽ ي] کي حرف علت ڪري ٿو سمجهي؛ ڏسو: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص ص ٢٢ ۽ ٢٣.

حقيقت ۾ سنڌي صوتيات موجب [و] جو آواز ٻن گروهن ۾ قسمن وارو آهي. هڪڙو [وV] ڳرو چپ ۽ ڏندن گاڏڙون گسٽو آواز (voiced labio-dental fricative) آهي، ۽ ٻيو [وw] نيم-سر (semi-vowel) آهي. [ي] ڳرو سخت تارونءَ وارو نيم-سُر (voiced palatal semi-vowel) آهي، انهن کي سُرَ ڪوٺڻ صوتيات جي علم کان غير واقفيت جو ڪارڻ آهي. البت سنڌيءَ جا [او، اوٓ، اي ۽ اِي] سر 'و' ۽ 'ي' حرفن جي وسيلي لکت جي صورت ۾ نمايان ڪجن ٿا، پر ان مان اٿين ڪونه ڇٽبو ته ڪو [و ۽ ي] آواز سر آهن. اها ڀل اکرن کي ڏسي ڪئي وئي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌي سرن (حرف علتن) جي باري ۾ لکي ٿو ته "اجا ٧١١ع تائين، يعني عربن جي سنڌ ۾ فتح کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جي سٽا اڪثر مفرد لفظن تي ٻيٺل هئي، حرفن توڙي زمانن موجب 'فعل' اجا جملي جي ربط ۽ ترڪيب جا لازم ملزوم (ڏسو صفحو ٤٩)

آ آ اِ اِي آ اوُ اِي اِيَ او اوَ

انهن حرف علتن جا ڏار ڏار روپ — يعني ابتدائي (مُنڍ وارو)، وچيان، آخري ۽ سالم — هيٺ ڏجن ٿا:

سالم	مُنڍ وارو	وچيان	آخري
آ	آ (آٺ)	ـَ (ڪَپُ)	ـَ (آنگَ)
آ	آ (آري)	ـا (باري)	ا (بابا)
اِ	اِ (اِڪي)	ـِ (تِيڪَ)	ـِ (ڪِڪِ)
اِي	اِيـ(اِيمان)	ـِيـ (پِيرُ)	ـِي (ڪَتِي)
آ	آ (آٺ)	ـُ (گُتَ)	ـُ (سُرَ)
اوُ	اوُ(اوُري)	اوُ (بوُلي)	اوُ (چنُو)
اي	ايـ (ايڪو)	ـيـ (جيڪو)	ـي (جي)
ايَ	ايَـ(ايَتُ)	ـيَـ (سيَرُ)	ـيَ (شَيَ)
او	او (اوتَ)	(موٽ)	و (وَتو)
اوَ	اوَ(اوَڪو)	(سوَڪو)	وَ (پيوَ)

(آنديل صفحي ٤٨ تان)

بيا هئا.“ اڳتي لکي ٿو ته ”اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته جيئن اڳ تيئن ’الفاظ‘ حروف صحيح سان ٺهيل هئا، يعني ته منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا، يا مور ڪو نه هئا. هاڻوڪا بنا حروف علت (ا، و، ي، کان سواءِ) الفاظ — جهڙوڪ ٻہ، ٽہ، نہ، مڪ، نٽ، ڪڪڙ، مڪڙ، گدڙ — شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا.“ ممڪن آهي ته ڊاڪٽر صاحب انهن لفظن جي تحريري صورت تي سوچيو هجي ڇاڪاڻ ته انهن لفظن جي لکيل صورتن ۾ ڇوٽن سرن جو استعمال نٿو ٿئي، يعني ته ڇوٽا سُرَ ڪيترن ئي لفظن جي صورتن ۾ استعمال نٿا ڪجن. ليڪن ان ڪري ائين ڪونہ چئبو ته ڪو انهن لفظن ۾ سر آهن ئي ڪونہ، يعني ته اهي لفظ وينجنن جا

(هلندڙ صفحي ٥٠ تي)

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن ڊگهن سُرن [اوَ] ۽ [اوُ] جي صُورت 'وُ' جي مدد سان لکجي ٿي، ليڪن صوتيات جي سکيا کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ اهي سُر توڙي ڇوٽا سُر جڏهن ڪنهن لفظ جي ابتدا ۾ اچن ٿا، تڏهن انهن جي صورت 'اوَ' يا 'اوُ' سان ظاهر ڪبي. مثلاً: اوتو، اوُري. مٿين لفظن ۾ 'اوُ' ۽ 'اوَ' ڊگهن سُرن جون صورتون آهن، پر ٻين حالتن ۾

(آنڌل صفحي ٤٩ تان)

ميڙ آهن. ڪوبہ لفظ سواءِ سر جي نهي ٿئو سگهي. لفظ جي سٽا ۾ سر جو هئڻ نهايت ضروري آهي. ڊاڪٽر صاحب پاڻ جويي صاحب سان گڏ جيڪو ڪتاب (سنڌي پرائمر) ايڊٽ ڪيو آهي آن ۾ هنن لفظن ـــ مَکَ (سنڌي پرائمر ص ٤)، ڪُڪِڙُ (سنڌي پرائمر ص ٢٤)، تہ (سنڌي پرائمر ص ٥)، نہ (سنڌي پرائمر ص ١٠)، تي ڏنل زيرون، زبرون ۽ پيش تڏهن ڇا آهن؟ آهي ڇوٽن سُرن جون لکيل صورتون ۽ نشانيون نہ آهن ڇا؟

خود ڇچنامي (ڊاڪٽر صاحب ڇچنامي جو مصحح آهي) ۾ ڏنل ديسي لفظن ۾ اٺ سنڌي حرف علت تہ ملن ٿا؛ جي ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب ۾ بہ موجود آهن. ڏسو: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص ٢١، مثلاً:

[اَ] سُرُ^ نَڪِرِ، جَتَ، سَمَ (سما) ۽ سَهتہ (سَهتا) لفظن ۾

[آ] ” لاکا، ياتيہ (ياتيا) ۽ ڏاهِر لفظن ۾

[اِ] ” وِڪيو، ڇتبدِ ۽ جِهم لفظن ۾

[اِي] ” ساوندي ۽ جلَوالِي لفظن ۾

[اُ] ” نَڪرُ، ڇتبدُ ۽ ڪُنب لفظن ۾

[اوُ] ” لوُهانہ (لوهاڻو) لفظ ۾

[اِي] ” ٻيٽ، لفظ ۾

[او] ” وِڪيو، موکو ۽ ڪاکو لفظن ۾

ڪنهن به آواز جي پٺيان صرف 'و' گڏي، ٻڪهي حرف علت [او] جي لکيل صورت ظاهر ڪبي آهي: جيئن [تو] ۽ [ٿ] آواز جي پٺيان 'او'، [او] سر جي لکيل صورت آهي، پر 'ووڙ' لفظ ۾ پهريون 'وُ'، [و] وينجن جي لکيل صورت آهي، ۽ ٻيو 'و' ٻڪهي سر [او] جي لکيل صورت آهي.

اهڙيءَ طرح [ي] ڳرو سخت تارونءَ وارو نيم - سُر (voiced palatal semi-vowel) آهي، پر سر نه آهي. [ي] آواز خود سر جي مدد سان تحرڪ ڪري ٿو. مثلاً: /يادا/ ۽ /يا/ [ا] جي مدد سان تحرڪ ڪري ٿو، ۽ /ايَڪوا/ ۽ /ايَ/، [اَ] جي استعمال سان تحرڪ ڪري ٿي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن ٻڪهن سرن [اِي] ۽ [اِ ي] جي تحريري صورت 'ي' جي مدد سان ظاهر ڪئي ويندي آهي. انهيءَ حرف مان ائين سمجهڻ نه گهرجي ته [ي] آواز ڪو سر آهي. 'اِيـ' يا 'اِيـ'، ٻنهي ٻڪهن سرن جي ابتدائي روپ جون لکيل صورتون آهن، پر وچئين ۽ آخري سرن جي حالت ۾ 'يِ' جي اڳيان 'ا' لکڻ جي ضرورت ڪانه ٿيندي آهي. مثلاً:

پيِرُ — پ + يـِ + رُ

پيِرُ — پ + يِر + رُ

چِرِي — چ + ر + ـِي

چري — چ + ر + ي

ڇوتا سر، ٻڪهن سرن وانگر، جڏهن به ڪنهن لفظ جي مُنڍ ۾ ايندا آهن، تڏهن 'ا' جي مدد سان ظاهر ڪبا آهن. مثلاً: آتو، آٿ، اِتِي.

پر جڏهن لفظن جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن، تڏهن زير، زبر ۽ پيش ذريعي تحريري صورت وٺندا آهن. جيئن:

پَلو — پ مٿان زبر، ڇوٽي سر [اَ] جي صورت آهي.

پِتو — پ هيٺان زير، ڇوٽي سر [اِ] جي صورت آهي.

پُٽُ — پ مٿان پيش، ڇوٽي سر [اُ] جي صورت آهي.

مٿين سيني سرن جي هِجي هيٺئين نموني ڪئي ويندي آهي:

هِجي	وينجن ۽ سُرَ
بي زبر بَ	بَ
بي الف با(١)	با
بي زير بِ	بِ
بي يي زير بِي	بِي
بي پيش بُ	بُ
بي وا پيش بُو	بُو
بي يي بي	بيء
بي يي زير بيي	بيي
بي وا بو	بو
بي وا زبر بوَ(٢)	بوَ

---

(١) سنڌي ڪتابن ۾ 'با' جي بدران 'بَا' لکيل هوندو آهي، يعني 'ب' مٿان 'زبر'، ۽ پوءِ ڊگهي سُرَ جي آخري صورت 'ا' شامل ڪئي ويندي آهي. ٻارن کي هِجي سيکاري ويندي آهي: ب الف زبر با. مٿي چيل آهي ته 'زبر' ۽ 'آ' سنڌيءَ ۾ ڌار ڌار سرن جون صورتون آهن، انهيءَ لحاظ سان چئبو ته 'بَا' ۾ ٻه سُرَ ٿيا: هڪ ـَـ (زبر) ۽ ٻيو آ. صوتيات جي اصول موجب [با] ۾ 'زبر' ڏيڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي، ۽ صرف 'با' ئي موزون آهي، ڇاڪاڻ ته وسرگ آوازن جي صورت ۾ 'زبر' غلط فهمي پيدا ڪري ٿي. مثلاً: 'جَها' ۾ 'زبر' منجهائيندڙ آهي، انهيءَ ڪري 'جها' وڌيڪ آسان آهي.

(٢) سنڌي ڪتابن ۾ 'بوَ' جي بدران 'بَوْ' لکيل آهي، بَوْ ۾ جزم جو استعمال زائد آهي. (وڌيڪ ڏسو ''جزم'' جي بيان ۾، ص ص ٧٦ ۽ ٧٧.

شد

ساڳئي وينجن جي ٻٽي آواز کي تشديد (gemination) چئبو آهي. اهڙي آواز مٿان شد جو نشان (ّ) ڏنو ويندو آهي. هيءَ نشان صوتيات جي چاڻ جي رهبري ڪري ٿو ته جنهن حرف مٿان شد جو نشان ڏنل آهي اُن جو اُچار ٻٽو آهي. مثلاً: عربي لفظ ــ نقّاش ۽ ستّار.

مٿين لفظن ۾ 'ق' ۽ 'ت' مٿان شد ڏنل آهي، جنهن جي مراد آهي ته انهن حرفن وارا آواز ٻٽا (geminated) آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ سواءِ عربي لفظن جي، شد جو نشان نه ڏبو آهي. جديد ڪتابن ۾ ڪن سنڌي لفظن تي شد ڏني وئي آهي، پر ڪن لفظن ۾ شد جو استعمال ڏيکاري ٿو ته ڪتاب لکندڙن کي صوتياتي قانونن موجب شد جي ڪم آڻڻ جي، يعني ٻٽن آوازن جي نظام جي ڪابه خبر ڪانهي(١).

جزم

ڪنهن به حرف صحيح مٿان جزم (نشان ْ) ڏيڻ مان هيءَ مراد هوندي آهي ته اهو حرف ساڪن آهي، يعني انهيءَ حرف وارو آواز بغير سر (vowel less) جي آهي. جزم، ٻن ڌار ڌار آواز وارن وينجنن جي 'ميڙ' (cluster of two consonants) جي لکيل صورت ڏيکارڻ لاءِ، ساڪن آواز مٿان ڏبي آهي. مثلاً:

عربي لکيل صورت	سنڌي لکيل صورت
عِلْمْ	عِلْمْ
جِسْمْ	جِسْمْ
صَدْرْ	صَدْرْ

مٿين لفظن ۾ 'ل'، 'س' ۽ 'د' مٿان ڏنل جزم ڏيکاري ٿي ته انهن صورتن وارا آواز ساڪن (vowel less) آهن، ۽ پر واري

(١) ڏسو اڳتي شد جي بيان ۾.

پوئين آواز (second component of the cluster) سان شامل ٿي متحرڪ ٿين ٿا(١).

تنوين

(i) ٻن زبرن واري نشان "ـً" کي تنوين چئبو آهي، جو ڪن ظرفن ۾ الف مٿان ڏنو ويندو آهي. مثلاً: قريباً، فوراً، حقيقتاً.

(ii) ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ ۽ ڪانئس پوءِ ايلس واريءَ عربي-سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾، "ـً"، "ـٍ" ۽ "ـٌ"(٢) نشان ڪنهن لفظ ۾ سر جي آخري روپ يعني ڇوٽي يا ڊگهي گهٽي آخري سر [آن]، [ايـن]، [اين] ۽ [اوُن] لاءِ ڪم آندا ويا آهن. هيٺ جديد صورتخطيءَ جا ڪي مثال پيش لاءِ ڏجن ٿا.

(i) آخري ڇوٽو گهٽو سر [آن] (final short nasal vowel)

جديد	ايلس
يارهَن	يارهنً
ٻارهَن	ٻارهنً

(ii) آخري ڊگهو گهٽو سر [اين] (final long nasal vowel)

جديد	ايلس
سدائين	سداءِ
آسين	اسٍ
آهين	آهٍ

---

(١) جزم لاءِ وڌيڪ ڏسو ص ص ٧٦ ۽ ٧٧.

(٢) سنڌيءَ ۾ "ـٌ" کي عربيءَ وانگر "اُنْ" ڪري نه اُچاريندا آهن، پر ڊگهي گهٽي سُرَ [اوُن] لاءِ ڪم آڻيندا آهن. مثلاً: آءٌ.

(iii) آخري ڊگهو گهٽو سر [ائِن]

ايلس	جديد
۾	۾
توس٠	توسين

(iv) آخري ڊگهو گهٽو سر [اوُن]

ايلس	جديد
آکيءُ	آکيوُن
دَواءُ	دَوائوُن
وياسءُ	وياسوُن

همزو

جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي، سنڌي الف-ب جي تختيءَ ۾ ”ء“ کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر اڄ ڏينهن تائين همزي جي درست استعمال کي سمجهيو نہ ويو آهي، حالانڪ سنڌي ٻوليءَ جي هرهڪ ڄاڻوءَ کي خبر ٻہ آهي. دراصل سنڌي صورتخطيءَ ۾ همزو (ء) ٻن سرن جو ميلاپ يا جوڙ (sequence) ڏيکاري ٿو. ٻن سرن جي جوڙ ۾، همزو پوئين سر (second component) جي بدران ڪم ايندو آهي. مثال:

(i) آخري ڇوٽي سر جي بداران

لاءِ = ل+آ-اِ (”اِ“ جي بدران ”ءِ“)

ماءُ = م+آ-اُ (”اُ“ جي بدران ”ءُ“)

پيءُ = پ+اِي-اُ (”اُ“ جي بدران ”ءُ“)

هوءَ = ه+اوَ-اَ (”اَ“ جي بدران ”ءَ“)

مٿين لفظن ۾ ’ءِ‘، ’ءُ‘ ۽ ’ءَ‘ آخري ڇوٽن سُرن [اِ، اُ ۽ اَ] جي بدران استعمال ڪيا ويا آهن.

(ii) وچئين ڇوٽي سُرَ جي بدران

مئَل = م+اُ-اَ+ل (”اَ“ جي بدران ”ئَ“)

سوُئُڙي = س+او ُ-آ+ڙ+ ي (”آ“ جي بدران ”ئَ“)
ڳائِڻ = ڳ+آ-اِ+ڻ (”اِ“ جي بدران ”ئِ“)
ڀائَر = ڀ+آ-اَ+ر (”اَ“ جي بدران ”ئَ“)

(iii) آخري ڊگهي سر جي بدران

ڪائِي	= ڪ+آ-اِي (”اِي“ جي بدران ”ئِي“)
مائِي	= م+آ-اِي (”اِي“ جي بدران ”ئِي“)
هائو	= ه+آ-او (”او“ جي بدران ”ئو“)
ڪائو	= ڪ+آ-او (”او“ جي بدران ”ئو“)
ڪائي	= ڪ+آ-اي (”اي“ جي بدران ”ئي“)
ڪوُئا	= ڪ+اوُ-آ (”آ“ جي بدران ”ئا“)

(iv) وچئين ڊگهي سرَ جي بدران

ڏئِيت	= ڏ+آ-اِي+ت (”اِي“ جي بدران ”ئِي“)
ڏوئِيلو	= ڏ+او-اِي+لو (”اِي“ جي بدران ”ئِي“)

ڪيترن سنڌي لفظن ۾ هڪ ئي پد وارا (يڪپدا) ٻٽا سر (diphthongs) جهڙوڪ: ’اَيَ‘ ۽ ’اَوَ‘ جي بدران ’يَ‘ ۽ ’وَ‘ سان لکيا ويندا آهن. مثال طور:

پَيسو جي بدران پئسو
چوَ جي بدران چؤ

مٿي مثالن ذريعي ثابت ڪيو ويو آهي ته ٻن سرن جي جوڙ ۾، پوئين سر جي آواز کي همزي جي روپ ۾ تحريري صورت ڏني ويندي آهي. پر هيٺ ڄاڻايل لفظن ۾ سرن جي جوڙ جو ٻيو جز (second component)، مٿين لفظن وانگر، همزي جي صورت ۾ ظاهر نه ڪيو ويو آهي، پر ’ٻئي جز‘ جون ڌار ڌار صورتون مقرر ڪيون ويئيون آهن. مثلاً:

اُچار	لکيل صورت
جوُئاري	جُواري

هوُئا	هُوا يا هُئا
ڪوُئا	ڪُئا
وَئيل	وَيل

گهٽا سر

مٿي 'تنوين' واري بيان جي حصي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته مسٽر ايلس پنهنجيءَ صورتخطيءَ ۾ لفظ جي آخر ۾ آيل 'گهٽن سرن' کي تنوين جي مدد سان تحريري صورت ۾ آندو؛ پر لفظن جي وچ وارن گهٽن سرن کي تنوين جي مدد سان تحريري صورت نه ڏنائين. اهڙيءَ حالت ۾ سرن جي پٺيان 'ن' ڏيندي، سر جي 'گهٽي خاصيت' لکت ۾ ظاهر ڪيائين. اهڙيءَ طرح گهٽي سر ڏيکاريندڙ 'ن' کي 'نون غنو' يا 'گهٽو نون' چيو ويو.

هڪ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ وينجن [ن] ۽ سر واري گهٽي خاصيت کي ظاهر ڪندڙ حرف 'ن' ۾ ڪوبه فرق ڏيکاريل نه آهي(١). مثلاً:

گهٽي نون جو استعمال	[ن] وينجن جو استعمال
مَنجو	مَنِجو
ڪائين	ڪائينِ
ڪانڊيرو	ڪانيرو
جيندِ	جينڙي

مٿين لفظن ۾ 'گهٽي نون' وارن مثالن هيٺ، 'ن'، سرن جي گهٽائڻ جي نشاني آهي. ايلس جي اصول موجب گهٽن سرن جي 'هِجي' هيٺ ڏجي ٿي:

---

(١) سنڌي ڪتابن ۾ 'گهٽي نون' کي 'ساڪن' سمجهي، اُن جي مٿان جزم ڏني ويندي آهي. جزم جو اهڙي حالت ۾ استعمال سراسر غلط آهي. (وڌيڪ ڏسو ايلس جي صورتخطيءَ ۾ اوٺايون، ص ص ٧٦ ۽ ٧٧).

مَنجو : ميم نون زبر(١) مَن، جيم وا جو .... مَنجو
ڪائين : ڪي الف ڪا، همزو يي نون زير اين .... ڪائين
ڪانڊيرو : ڪاف الف نون ڪان، ڊي يي ڊي، ري وا، رو .... ڪانڊيرو

جِندِ : جيم نون زير جِن، دال زير دِ .... جِندِ
ڪابي طرف وارن مثالن ۾ [ن] گهڻو وينجن آهي، اهڙن گهڻن وينجنن جي هجي هيٺينءَ ريت ڪئي ويندي آهي:
مَنِجو : ميم زبر مَ، نون زير نِ، جيم وا جو .... مَنِجو
ڪائينِ : ڪي الف ڪا، همزو يي زير اين، نون زير نِ .... ڪائينِ
ڪانيرو : ڪاف الف ڪا، نون يي ني، ري وا رو .... ڪانيرو
جِنڙِي : جيم زير جِ، نون زير نِ، ڙي يي زير ڙِي .... جِنڙِي

وسرگائي* (Aspiration)

ايلس صاحب پنهنجي الف-ب ۾، وسرگ آوازن جي صورتن لاءِ، ڪن حرفن جي پويان 'ه' حرف ملائي، وسرگ آوازن جون صورتون مقرر ڪيون آهن، ۽ ڪن حالتن ۾ وسرگ آوازن لاءِ حرفن ۾ زائد نقطا (diacritical points) ڏنا آهن. مثلاً:

[ج] ۽ [گ] جي وسرگ آوازن لاءِ 'ج' ۽ 'گ' جي پويان 'ه' حرف ڳنڍي، انهن کي 'جه' ۽ 'گه' جي صورت

(١) منهنجي خيال موجب، گهڻن سُرن جي اها هجي درست نہ آهي. (ڏسيل هجي لاءِ ڏسو اڳتي گهڻي سُر جو بيان).
* ڪاڪي ڀيرومل aspirated آوازن کي 'وسرگ آواز' سڏيو آهي. هيءُ لفظ ڀِرين ڀرين پاڻ ئي سنڌيءَ ۾ استعمال ڪيائون. هن ڪتاب ۾ هي لفظ ڪم آڻيندي مصنف سندن ٿورائتو آهي.

ڏنائين(١)؛ ليڪن [ٻ، ب، ٽ، ٺ، ڇ، ڊ ۽ ڊ] جون وسرگ صورتون، زائد نقطن جي مدد سان، ’ڦ، ڀ، ٿ، ٺ، ڇ، ڌ ۽ ڊ‘ مقرر ڪيائين؛ اهڙيءَ طرح [ڪ] جي وسرگ صورت ’ک‘ مقرر ڪيائين.

حاصل مطلب ته ايلس جي صورتخطيءَ ۾، ٽورن وسرگ ۽ مورڌني (retroflex) آوازن [ٽ]، [ڊ] ۽ [ڻ] کان سواءِ، اهي سڀ وصفون موجود آهن، جيڪي مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ نظر اچن ٿيون. حرفن جا مختلف روپ (shapes)—يعني منڍ وارا، وچيان، آخري ۽ سالم حرف—انهن کي لفظن ۾ ملائي لکڻ جا طريقا، سمورا حرف علت، تنوين، جزم، شد، وغيره، سڀ هن ابوالحسن جي سنڌيءَ مان ورتا. هيٺ مخدوم ابوالحسن ۽ ايلس جي صورتخطين جا مثال ڏجن ٿا:

(i) ابوالحسن جي سنڌي.

سيئِي سَڀ آڏاي ڪَٿورِيَ ۽ زَعفَران جيَ
مِتِي سِ مَوٰلي
۽ ڪاه جُو بهِشت جُو سُو عَنبَرَ نِيسُورو اه
آڇو پاڻِي اهِجُو بِهتَر بَرفَ ڪَنَا
نڪِ رَسَانيتَاءَ کهکِي نَاحَق ڪِ ايذا.

(ii) ايلس جي صورتخطي(١)

ڏڏَ ڪِي وِلوڙِي مکڻ ڪَيندا آهن.

(١) ڪن صاحبن جي خيال موجب [جهه، گهه] مرڪب آواز آهن جن کي ’ج‘ ۽ ’هه‘ ذريعي نمايان ڪيو ويو آهي. اهو نظريو بلڪل غلط آهي. اهي وسرگ آواز آهن. مثلاً [سُمهي] ۾ [مهه] وسرگ آواز آهي، ۽ مرڪب نه آهي؛ پر ’تمهيد‘ ۾ [م ۽ هه] مرڪب آواز [مُهه] جو مثال آهن.

(١) آڏارام: ”سنڌي پهريون ڪتاب،“ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي ١٨٧٧ع، ص ٢٤.

تَنْهن^ مان^ گهه^ نکرَنْدو آهي. ڪاٺ مون^ دَرَ ۽ دَرِيءَ ۽ ڪُرسيءَ ۽ ميزءَ ۽ صَنْدوقءَ جُڙَنْدِيءَ آهن. لوهه مون^ ڪتا ۽ ڪنڍا ۽ ڪُرفءَ ۽ ڪُنْجيءَ ۽ ڪِلِيءَ ۽ ٻيءَ شَيءَ جُڙَنْدِيءَ آهن.

١٠- ايلس جي صورتخطيءَ تي ٽرومپ جي تنقيد

مٿي بيان ٿيل آهي تہ ايلس جي الف-ب ۾ سنڌي آوازن لاءِ جيڪي ڏار صورتون مقرر ڪيون ويئيون هيون، تن ۾ ڪابہ يڪسانيت ڪانہ هئي. پر انهيءَ لاءِ فريئر درست چيو آهي تہ "ايلس جا بيان ڪيل سبب حقيقت نما آهن تہ "سنڌي آوازن لاءِ هن جون مقرر ڪيل عربي-سنڌي صورتون زياده مشڪل نہ آهن(١)".

ايلس جي صورتخطيءَ تي آريائي زبانن جي مشهور ماهر جان بيمز رايو ڏيندي لکي ٿو:

There are some twelve or thirteen different (Hindu-Sindhi) alphabets current in Sind, some of which differ very widely from the others. Of late, however, the Arabic character, though ill-adapted to express Sindhi sounds, has come into common use, and a modification of the Devanagari is proposed for adoption, though I believe it is not actually employed by any class of Sindhians(2).

ايلس جي صورتخطيءَ تي سڀ کان زياده تنقيد ڊاڪٽر ٽرومپ ڪئي

(١) Frere, B., "Introductory Remarks on the Report on Education in Sind," Bombay 1855, P. 2.

(2) John Beames, "Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages of India," Vol: I, 1872, P. 55, Footnote.

آهي. حالانڪ مقامي ماهرن، ديوان ڀيرومل(١) ۽ مرزا قليچ بيگ(٢) ٻہ ايلس ڏي تنقيد ڪئي آهي، پر انهن جون تنقيدون ٽرومپ جو ئي ترجمو آهن. ڊاڪٽر ٽرومپ پنهنجيءَ تنقيد ۾ لکي ٿو تہ ''سنڌيءَ لاءِ سنسڪرت ۽ پراڪرت واري خط کان سواءِ ڪو ٻہ خط موزون ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي لائق ڌيءَ آهي(٣)''. ٽرومپ اڳتي لکي ٿو تہ ''عربي رسم الخط ڪيترن ئي سنڌي آوازن لاءِ نامڪمل آهي، انهيءَ ڪري اهڙن سنڌي آوازن لاءِ عربيءَ جي حرفن کي هڪ خاص نموني نقطا ڏيئي، سنڌي آوازن لاءِ صورتن ٻيهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي؛ پر جنهن طريقي سان سنڌي آوازن لاءِ صورتون قائم ڪيون ويئيون آهن، سو غير اطمينان بخش آهي. مثال طور، وسرگ آوازن لاءِ ڪيترن ئي حرفن تي زائد نقطا ڏنا ويا آهن(٤). ٽرومپ جي راءِ موجب وسرگ آوازن جي صورتن سان 'ھ' هميشہ ملائڻ گهرجي. هن هيٺين تبديلين لاءِ سفارش ڪئي آهي(٥).

آواز	ايلس واري صورت	ٽرومپ جي ڏسيل صورت
وسرگ	ڦ	پھ
	ڀ	ٻھ
	ٿ	تھ
	ڌ	دھ
	ٺ	ٽھ
	ڍ	ڊھ
	ڇ	چھ
	ک	ڪھ

(١) آڏواڻي ڀيرومل: ''سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ،'' سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٥٦ع، ص ٢٦٦.
(٢) مرزا قليچ بيگ: ''سنڌي وياڪرڻ،'' جلد ٣، ايضاً، ١٩٦٠ع، ص ص ٦٩-٧٤.
(٣) Trump, E., Op. Cit., P. 1.
(٤) Ibid., PP. 2 and 3.
(٥) Ibid., P. 3.

موڙڏني	ٹ	ٽ
	ڈ	ڊ
گهٽا وينجن	ڻ	ڻ
	ڃ	نج
	ڱ	نگ
نرم تارونءِ وارا(١)	ڪ	ک
چوسٽا	ڏ	ڏ
	ڄ	ڄ
	ڳ	ڳ

درحقيقت ٽرومپ جون ڏسيل ڪي صورتون تہ ايلس وارين صورتن کان بہ زياده مشڪل ۽ زائد نقطن واريون آهن. جيتوڻيڪ وسرگ آوازن [ڦ]، [ڀ]، [ٿ]، [ڌ]، [ڇ] ۽ [کهہ] جي صورتن لاءِ ٽرومپ جو اعتراض ۽ راءِ وزندار آهي، پر سندس ڏسيل صورتون 'ٿه' ۽ 'ڌه'، ايلس وارين صورتن 'ٿ' ۽ 'ڌ' کان وڌيڪ منجهائيندڙ ۽ مشڪل آهن. ازان سواءِ ٽرومپ جو رايو آهي تہ ايلس وارين صورتن، 'ٽ'، 'ڊ'، 'ڄ'، 'ڏ' ۽ 'ڳ' جي بدران 'ٹ'، 'ڈ'، 'ڄ'، 'ڏ' ۽ 'ڳ' صورتون اختيار ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ ايلس واريون صورتون سندس خيال موجب منجهائيندڙ آهن. حقيقت ۾ ٽرومپ وارين صورتن کان ايلس واريون صورتون وڌيڪ آسان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ نقطن جي لحاظ کان ايلس جي صورتن ۾ ٽرومپ جي صورتن کان نقطا گهٽ آهن.

ٽرومپ جو 'سخت تارونءِ واري گهٽي وينجن' (palatal nasal sound) [ڃ] ۽ 'نرم تارونءِ واري گهٽي وينجن'

(١) پراڻي نظرئي موجب [ڪ ۽ ک] کي نڙيءَ وارا (gutturals) آواز چئبو آهي پر جديد لسانيات ۾ انهن کي نرم تارونءِ وارا (velar) آواز چئبو.

(velar nasal sound) [ڱ] جي صورتن لاءِ ورتل اعتراض
به ڪمزور آهي. ٽرومپ جو رايو آهي ته سخت تارونءَ واري
گهٽي وينجن لاءِ 'ڃ' جي بدران 'نج'، ۽ نرم تارونءَ واري
گهٽي وينجن لاءِ 'ڱ' جي بدران 'نگ' هئڻ گهرجن. هن جو
خيال آهي ته گهڻا آواز هميشه 'ن' حرف سان لکڻ گهرجن(١).
پر صوتيات جي ڇاڻ ڪئي هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح معلوم آهي ته
بين‌الاقوامي صوتياتي الف-ب (International Phonetic
Alphabet) جي نقشي (chart) ۾ به انهن آوازن ۽ ٻين گهڻن
وينجنن، سواءِ [ن] جي، جون تحريري صورتون 'ن' حرف سان
مقرر ڪونه ڪيون ويئيون آهن؛ يعني [ڃ] ۽ [ڱ] لاءِ 'نج'
۽ 'نگ' صورتون مقرر نه ڪيون ويئيون آهن. ازان سواءِ اگر
'ڃ' ۽ 'ڱ' کي 'نج' ۽ 'نگ' جي صورتن ۾ لکيو وڃي ها
ته جيڪر ڪيترن ئي لفظن جي فرق ۽ سڃاڻپ ۾ دقت پيدا
ٿئي ها؛ مثلاً: ٽرومپ جي صورتخطيءَ موجب ''سنج'' ۽ ''سنج''
۾ فرق معلوم ڪرڻ مشڪل ٿئي ها؛ پر ايلس جي صورتخطيءَ
موجب انهن ۾ تفاوت آسانيءَ سان ظاهر ٿئي ٿو. مثال طور؛

ايلس واري صورتخطي	ٽرومپ واري صورتخطي
سَنجِ	سَنجِ
سَنڃِ	سَنجِ
پَنج	پَنج
پڃ	پَنجِ

ساڳيءَ طرح، 'ڱ'، 'نگ' کان زياده آسان ۽ موزون
آهي. مثلاً:

سَنگ	سَنگ
سڱ	سَنگ

(1) Trump, E., Op. Cit., P. 4.

آنگ } آنگ
آنگ } آنگ

حاصل مطلب ته سر بارٽل فريئر جي ھي راءِ بلڪل درست آھي ته "ٽرومپ" جو اعتراض ٻن ٽن حرفن لاءِ بلڪل وزندار آھي، جن جو استعمال گھٽ آھي، ۽ انھيءَ سبب ڪري ايلس واري صورتخطيءَ ۾ تبديل آڻڻ لاءِ سفارش اجائي آھي"(١). ھيٺ ڏنل نقشي ۾ ايلس ۽ ٽرومپ جي طرفان مقرر ڪيل الف-ب جي پٽي ڏجي ٿي، انھيءَ لاءِ ته ٻنھي ۾ جيڪو فرق آھي سو نمايان نظر اچي:

ايلس واريءَ الف-ب جي پٽي	ٽرومپ واريءَ الف-ب جي پٽي
ب	ب
ٻ	ٻ
ڀ	بھ
ت	ت
ٿ	تھ
ٺ	تھ
ٿ	تھ
ٽ	ٽ
ٺ	تھ
ث	ث
پ	پ
ڦ	پھ
ج	ج
ڄ	ڄ
جھ	جھ
ڃ	نج
چ	چ
ڇ	چھ

(1) Frere, B., Op. Cit., P. 5.

ايلس واريءَ الف - ب جي پٽي	ٽرومپ واريءَ الف - ب جي پٽي
ح	ح
خ	خ
د	د
ڌ	دھ
ڏ	ڏ
ڊ	ڊ
ڍ	ڊھ
ذ	ذ
ر	ر
ڙ	ڙ (ڙھ)
ز	ز
س	س
ش	ش
ص	ص
ض	ض - ط
ط	ظ
ظ	ع
ع	غ
غ	ف
ف	ق
ق	ک
ڪ	کھ / گ
ک	گھ
گ	ڳ (ليڪن وٽ ڪٽنبدي جهڙو نشان)
گھ	نگ / ڱ
ڳ	
ڱ	

ايلس واريءَ الف-ب جي پٽي	ٽرومپ واريءَ الف-ب جي پٽي
ل	ل
م	م
ن	ن
ڻ	ٽ
و	و
ه	ه
ء	—
ي	ي

١١- ايلس جي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي صورتن ۾ اختلاف

عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ اول اول ته سنڌي لفظن جي هجي ۽ پَدَن (Syllabication) تي ڪوبه توجهه نه ڏنو ويندو هو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترا ئي لفظ ڌار ڌار نمونني ۾ پيا لکبا هئا؛ يعني مختلف ماهر ڪيترائي لفظ ڌار ڌار نمونن ۾ پيا لکندا هئا. انهيءَ اختلاف لاءِ نه فقط عام ماڻهو جوابدار هئا، پر سرڪاري طور ڇپيل ڪتاب پڻ (جيڪي انهن عالمن لکيا هئا، جي اُن زماني ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا ماهر هئا) اهڙن مختلف صورتخطين وارن لفظن سان پريل نظر اچن ٿا. مثلاً:

قاضي غلام علي(١)	ميان محمد (٢)	ننديرام (٣)	آڌارام (٤)	ميران محمد شاهه(٥)	پريداس (٦)
جيڏ	جيڏ	جَنھِنَ	جَنھِنَ	جيه	جهيءَ

(١) قاضي غلام علي: "هندستان جي تاريخ" سنڌ نيوز پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٥٤ع، ص ص ٢، ٩ ۽ ١١.

(٢) ميان محمد: "سنڌي صرف ونحو"، ص ص ١ ۽ ٧.

(ڏسو صفحو ٦٩)

جَڏهُ جَڏهُه جَڏهي جَڏهين جَڏين جَڏهِه
ڪَڏهُ ڪَڏهُه ڪَڏهي ڪَڏهين ڪَڏين ڪَڏهِه
ڪيهُ ڪَنهُ ڪَنهين ڪَنهين ڪيهُ ڪَنهي
پَهنجي پَنهنجي پَنهنجي پَهنجي پَهنجي پَهنجي
چياءِ چَياءِ چياءِ چَياءِ چَياءِ چَيائي

انهن ڪتابن ۾ اهڙا مثال به ملن ٿا، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته خود ساڳئي مصنف هڪ ئي لفظ کي ڌار ڌار صورتن ۾ لکيو آهي، ۽ اُن جي پڙهڻ ۾ به فرق ڏيکاريو آهي. مثال طور:

۱. نَنديرام(۱)

(الف) لفظن جون ڌار ڌار صورتون

جيئَن ۽ جيئَن
تيئَن ۽ تيئن
هيين ۽ هينئي
پوئي ۽ پوءِ
اُنهَن ۽ اُنَن

(اڳئين صفحي ٦٨ تان)

(٣) ديوان نَنديرام: ”بابنامو“، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پريس، ڪراچي، ١٨٦٩ع، ص ص ٥، ٦، ٩، ٢٣ ۽ ٢٨.

(٤) منشي اڌارام: ”سنڌي پهريون ڪتاب“، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پريس، ڪراچي، ١٨٧٧ع، ص ص ١٦-٢٣.

(٥) ميران محمد شاهه: ”سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه“ سنڌ نيوز پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٥٥ع، ص ص ٣ ۽ ٤.

(٦) پريداس: ”سنڌي ٽيون ڪتاب“، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٦٨ع، ص ص ١، ٢، ٦، ١٢ ۽ ٢٥.

(١) نَنديرام: ”بابنامو“، ص ٢٢ ۽ ٢٧.

(ب) ڊگھو گھٽو آخري سر [اين] ۽ [اوُن](١)

چگيءَ	۽	ھيوُن
ماجرائي	۽	نٽوُن
سداءِ	۽	ڪڏھين

٢. پريداس(٢)

(الف) لفظن جون ڏار ڏار صورتون

چگوُ	،	،	چگوُن ۽ چنگوُن
گهٽون	،	،	گهٽو ۽ گهنوُ
آءِ	،	،	آئون ۽ آنوُ
ڪنه	،	،	ڪيھيءِ، ڪنهِ ۽ ڪنهِ
هيءِ	،	،	۽ هيءَ
پيءِ	،	،	۽ پيءَ

(ب) ڊگھو گھٽو آخري سر [اوُن]، [اين] ۽ [اين](٣)

ڏناءِ	ڪيئوُن
جماعتَ	جماعتونُ
اسِ	آسين
سيڪنهِ	سيڪنهِ

١٨٨٨ع ۾ سنڌ جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر، ايچ. بي. جبڪب، ڏار ڏار هيجي وارن لفظن جون صورتون مقرر ڪرايون. سندس حڪم سان اهڙن لفظن جا چارٽ تيار ڪرايا ويا(٤)؛ جن مان ڪي لفظ هي آهن:-

---

(١) ننديرام: ص ص ٢٢، ٢٥ ۽ ٢٨.

(٢) پريداس: ”سنڌي ٽيون ڪتاب“، ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٦٨ع، ص ص ٧، ١٤، ٢٥، ٢٦، ٢٨، ٣٤ ۽ ٣٨.

(٣) پريداس: ص ص ٢١٣، ٢٢٤، ٢٣٧، ٢٣٨ ۽ ٢٣٩.

(٤) ميمڻ محمد صديق: ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، ڀاڱو ٻيون، ص ص ٢٣ ۽ ٢٤.

سرڪاري طور مقرر صورت	ڌار ڌار صورتون
جڏهن	جڏهه، جڏهه، جڏهي، جڏهين ۽ جڏهين
ڪڏهن	ڪڏهه، ڪڏهي، ڪڏهين ۽ ڪڏهين
ڪنهن	ڪه، ڪنه، ڪنهين، ڪنهن ۽ ڪهي
جنهن	جه، جنه، جنهين، جنهن ۽ جهي

اهڙن سيني لفظن جا چارٽ سڄيءَ سنڌ جي اسڪولن ۾ ورهايا ويا. انهيءَ هوندي به، ڊگهو گهٽ ۾ حرف علت ۽ ٻيا لفظ نظر چُڪ سبب رهجي ويا.

١٩١٣ع ۾ سنڌ جي عالمن ضروري سمجهيو ته اهڙن مختلف لفظن جون صورتون مقرر ڪيون وڃن، ۽ ان وقت جي تعليمي ماهرن ۽ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن، ١٣ فبروري ١٩١٣ع ۾ ٺهراءُ پاس ڪري، اخبار تعليم ۾ اهڙن مڙني لفظن جون فهرستون شايع ڪرايون، ۽ انهن جون درست صورتون به ڏنيون. اخبار تعليم ۾ ڇاپايل آهي:

جن سنڌي لفظن جي هجي، انگريزي نالن ۽ لفظن جو سنڌيءَ ۾ تلفظ ڪم آڻڻ بہ نسبت مختلف رايا هئا، تن بابت سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن تاريخ ١٣ فبروريءَ ١٩١٣ع تي پاڻ ۾ گڏ ٿي هيٺئين ريت ٺهراءُ ڪيو آهي(١):—

غلط	صحيح	غلط	صحيح
اونڌائي	اونداهي	سچون	سچيون
ڏهائي	ڏهاڙي	پروا	پرواهه
توٽي	توڙي	دريا	درياهه
تيو	تيون	ويهڻ	وهڻ
ننوَ يا ننون	نوَ	ويراهڻ	وراهڻ
ڪنئوار	ڪنوار	ڇ	ڇنهه

(١) اخبار تعليم، نمبر ١، جلد ١٢، اپريل ١٩١٣ع، ص ص ٢٧-٢٩.

غلط	صحيح	غلط	صحيح
هُوا	هئا	ٿَل	ٿلهه
جِئيو ن	جوّ ن	مُکه	مُکيه
اڇان	اڇا	بجاج	بزاز(۱)
ڇٽان	ڇٽا	بدماش	بدمعاش
وڃين(۲)	وڃي	بصل، بِسترُ	بصر
ڪنيان	ڪنيا	بقل	بڪر
ڪٽين	ڪٽي	تادي	تعدي
جڄهو	جهجهو(۳)	تهمل	تحمل
محل	مهل	پڙدو	پردو
سَهِي	صحيح	جافران	زعفران
چاڪ	چاق	ڇهبڪ	چابڪ
مطرڪو	مترڪو	حوال	احوال
ضعيف	زائفان	خومچو	خونچو
جٿو	جسو	ڏارچيني	دالچيني
ايضاً	ايضاً	طبلو	دپلو
بالڪل	بلڪل	دستار خوان	دسترخانو
بالفعل	بلفعل	دنبورو	طنبورو
استعيفا	استعفا	دوفان	طوفان
املڏاس	املداس	سايو	سعيو
سرگشت	سرگس	نماز شام	نما شام
شگون	سَڱڻ	هاون دستو، حمام دستو	همام دستو
سيلهه	سيلَ	يادگاري	يادگيري

(۱) بجاج درست آهي ـــ مصنف

(۲) ضمير حاضر واحد جي گردان ۾ وڃين لکڻ درست آهي. ـــ ڪميٽي

(۳) بجهو درست آهي ـــ مصنف

غلط	صحيح	غلط	صحيح
شير پياز	سبز پياز	رنگ	رڱ
فانوش	فانوس	پاگون	پاڳو
ڪسر	ڪڙ	رنج	رڃ
قينچي	ڪئنچي	اسڪول	سڪول
گازي، گاجي	غازي	ليمڪ	نمڪ

(ب) هيٺيان لفظ ٻنهي صورتن ۾ صحيح آهن(۱):

مهنو	يا	مهينو	وٽي	يا	ويٺي
ڇوي	يا	ڇٺي	ٻٺي	يا	ٻيٺي
ٻوي	يا	ٻٺي	توب	يا	توف
ڦل	يا	ڦر	ڪلف	يا	ڪرف
پليد	يا	پليت	مسجد	يا	مسيت

(ٻ) نظر، پاڪي، مدعا، ناموس ۽ ڦير گهير، اهي لفظ جنس مونث ۾، ۽ نه جنس مذڪر ۾، ڪم آڻڻ گهرجن(۲).

(ڀ) ڪاليج ۽ سڪول جنس مذڪر ۾ ڪم آڻڻ گهرجن(۳).

(ت) ملائڪ، اسرار، اولياءَ، قلوب، تواريخ ۽ احوال، انهن لفظن کي جمع جي صورت آهي، پر اُهي سنڌيءَ ۾ واحد ڪم ايندا آهن(۴).

(ٿ) انگريزي نالن جي هجي سندن اُچارڻ موجب هئڻ گهرجي.

(ٽ) 'ھ' حرف جو اُچار ڪن لفظن ۾ صفا ظاهر آهي، ڪن ۾ نه. صفا اُچار ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابون ڪم آڻجن، مثلاً(۵):

---

(۱) اخبار تعليم، حوالو مٿي ڏنو ويو آهي، ص ۲۹.
(۲) ايضاً
(۳) ايضاً
(۴) ايضاً
(۵) ايضاً

(مهتو) گَهَٽَ (انداز) گهٽ
(ناداني) جَهل (تلاش) جهل

انهيءَ هوندي به ڪي صورتون رهجي ويئيون. ١٩١٥ع ۾ ان وقت جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر، ديوان جڳنناٿ، انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي. مرزا قليچ بيگ ان ڪميٽيءَ جي سرگرم ميمبرن مان هڪ هو. اُن ڪميٽيءَ ڌار ڌار صورتن ۾ لکيل ڪيترن ئي لفظن جون صورتون مقرر ڪيون، جن مان ڪي هي آهن:

ڌار ڌار صورتون	مقرر صورت
آءٌ ۽ آئون	آءٌ
ڪياءُ ۽ ڪيائون	ڪيائون
چاڪ ۽ چاق (چڱو ڀلو)	چاق
ڪُرف، ڪُلف ۽ قفل	ڪُلف
قئينچي، ڪئنچي	ڪئينچي
صبحاڻي، سباڻي	صبحاڻي

١٢- هاڻوڪيءَ صورتخطيءَ ۾ عام غلطيون

(الف) لفظن جي صورتن جي انهن نقشي پڌري ٿيڻ جو چڱو اثر ٿيو، ۽ گهڻن ئي لفظن جون يڪسان صورتون رائج ٿي ويئيون. پر ڪي لفظ اڃا تائين ڌار ڌار نموني ۾ پيا لکجن. ايتريقدر جو تازو ڇپايل سنڌي پارائي ۽ درسي ڪتابن ۾ به اهڙيون ڦريل گهريل صورتون نظر ٿيون اچن(١)، جي يا ته ايڊيٽرن جي پنهنجن مختلف اُچارن سبب آهن، يا اڳوڻين مقرر صورتن کي

(١) سنڌي پارائي ۽ پهرئين ڪتاب جا ڇاپا، هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي شايع ٿيڻ کان پوءِ به ڇپيا آهن، جن جي مٿان لکيل هوندو آهي نظرثاني ٿيل، پر حقيقت ۾ ايڊيٽر صاحبن انهن تي ڪو به توجهه ڪونه ڏنو آهي.

بيخبريءَ سبب نظرانداز ڪيو ويو آهي. انهن ڦيرين گهيرين مان ڪي هي آهن:

مقرر صورت	درسي ڪتابن (پاراڻو ۽ پهريون) ۾ ڦريل گهريل صورتون
جنڌهين	جنڌهين(١)، جنڌهين(٢)، جنڌهين(٣)
تنڌهين	تنڌهين
ڪنڌهين	ڪنڌهين(٤)، ڪنڌهين(٥)
ڪهڙو	ڪهڙو(٦)، ڪهڙو(٧)
آءٌ	آئون(٨)، ۽ آءٌ(٩)
ڪهڙا	ڪهڙا(١٠)، ڪهڙا(١١)

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي لفظ آهن، جن جون ڦريل گهريل صورتون سنڌي پاراڻي ۽ پهرئين ڪتاب ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

(ب) جزم جو استعمال

وچيان ٻنا آواز ۽ جزم– ١٨٥٣ع ۾ جڏهن سنڌيءَ لاءِ سرڪاري

(١) ”سنڌي پهريون ڪتاب،“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٢ع، ص ٢٧.
(٢) ايضاً، ص ٢٩.
(٣) ايضاً، ص ٣٧.
(٤) ايضاً، ص ٢٠.
(٥) ايضاً، ص ٢٣.
(٦) ايضاً، ص ٧.
(٧) ايضاً، ص ٨.
(٨) ايضاً، ص ١٣.
(٩) ايضاً
(١٠) ايضاً، ص ١٢.
(١١) ايضاً

صورتخطي نهي تيار ٿي هئي، تڏهن ان وقت جا عالم — ننديرام، آڏارام، ميران محمد شاهه، قاضي غلام علي ۽ ٻيا — عربي ۽ پارسيءَ جا چڱا ڄاڻو هئا. هنن لفظن جي پڙهڻ تي گهڻو توجهه ڏنو. اهي صاحب 'جزم' ۽ 'شد' جي استعمال کان بخوبي واقف هئا. انهيءَ کان سواءِ هو يا ته عربي رسم‌الخط جي اصولن کان واقف هئا، ۽ يا ته عربي لفظ بلڪل ائين ئي لکيائون، جيئن پارسي لغتن ۾ ڏنائون. مثال طور، ٻن وينجنن جي 'گڏيل آوازن' جي تحريري صورت ڏيکارڻ لاءِ، ٻنهي صورتن مان ساڪن حرف صحيح مٿان 'جزم' ڏيئي 'گڏيل آوازن' کي تحريري صورت ڏنائون. جيئن:

سنڌي ۾ صورت	عربيءَ ۾ صورت
عِلْمٌ	عِلْم
مَكْتَبٌ	مَكْتَب
مَطْلَبٌ	مَطْلَب

مٿين لفظن ۾ 'ل'، 'ڪ' ۽ 'ط'(١) صورتن وارا آواز [لْم]، [ڪْت] ۽ [طْل] گڏيل آوازن ۾ ساڪن آهن.

سنڌيءَ جا استاد ۽ ماهر حالانڪ مٿيان لفظ ائين ئي لکندا، جيئن مٿي ڏنل آهن، پر جزم جي اهميت ۽ استعمال کان غير واقفيت سبب انهن لفظن جي 'هجي' ۾ 'ساڪن وينجن' کي متحرڪ (syllabic) ڄاڻائيندا آهن. مثال طور، مٿين لفظن جي هجي هيئن ڪندا آهن:

عِلْمٌ : عين زير لِ، لام زير لِ، ميم پيش مُ ....عِلِمُ
فِكْرٌ : في زير فِ، ڪاف زير ڪِ، ري پيش رُ ....فِڪِرُ

---

(١) سنڌ ۾ 'ط' جو آواز [ت] آهي، ۽ 'ع' جو متبدل آواز نه هئڻ ڪري، وينجن [ع] جي بجاءِ، حرف علت [آ، ا، اَ، آ وغيره] جو آواز ڪندا آهن.

سنڌيدانن نه صرف عربي لفظن جي جزن ۽ پدن جي 'هجي' کان اڻواقف رهيا آهن، پر خالص سنڌي گڏيل آوازن کي به غلط پدن ۾ ورهائي، انهن جي غلط هجي ڪندا آهن: يعني ٻن پدن وارن لفظن (disyllabic words) ۾ اچاريل گڏيل آوازن کي، غلط 'هجي' سبب، سُرَ ذريعي ٽوڙي، 'ٽن پدن وارو لفظ' (trisyllabic word) ڪري، هجي ڪندا آهن. مثال طور:

'هَلْڪو'، 'ڏَرْتي' ۽ 'چَمْڪو' ٻن پدن وارا لفظ آهن، جن ۾ [ل]، [ر] ۽ [م] ساڪن آواز آهن. سنڌ جا ماڻهو پنهنجن اچارن ۾ مٿيان آواز ساڪن ڪندا آهن، پر صوتيات ۽ 'هجي' جي اصولن کان بيخبر هئڻ سبب، سنڌ جا اُستاد مٿين لفظن جي هجي هيئن ڪندا آهن:

هَلڪُو : هي زبر هَ، لام زير لِ، ڪاف وا ڪو....هَلڪُو
ڏَرِتيِ : ڏال زبر ڏَ، ري زير رِ، تي يي زير تيِ....ڏَرِتيِ
چَمِڪو : چي زبر چَ، ميم زير مِ، ڪاف وا ڪو ....چَمِڪو

دراصل انهن جي هجي هيئن ٿيڻ کپي(١):

هَلْڪو: هي لام زبر هَل، ڪاف وا ڪو ....هَلْڪو
ڏَرْتيِ : ڏال ري زبر ڏَرْ، تي يي زير تيِ ....ڏَرْتيِ

(١) سنڌي صورتخطيءَ جي ٻئي ڇاپي ۾ صفحي ٥٠ تي، حاشئي ۾ ڄاڻايو ويو هو ته /هَلْڪو/ لفظ جا پد ٿيندا /هَ+لْڪو/، ۽ /چَمْڪو/ جا پد ٿيندا /چَ+مْڪو/. پر وڌيڪ تحقيق ۽ ڊاڪٽر سرليڊر جيٿلي، ڊاڪٽر روهڙا ۽ محترم علي نواز جتوئي صاحب جن جي راين، ۽ ساڻن ڪيل بحث کان پوءِ آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ٻهرئين ڇاپي ۾ ڄاڻايل پدن جي تقسيم درست هئي؛ يعني:

لفظ	درست تقسيم	غلط تقسيم
هَلْڪو	هَلْ + ڪو	هَ + لْڪو
چَمْڪو	چَمْ + ڪو	چَ + مْڪو

اهڙيون اوڻايون سرڪاري درسي ڪتابن ۾ گهڻيون نظر اچن ٿيون. سنڌي پرائيمر ۽ پهرئين ڪتاب ۾ گڏيل آوازن کي ٻـا ڌ. سُر ذريعي ڌار ڪيو ويو آهي، يا ڪن هنڌن تي انهن ساڳين گڏيل آوازن ۾ ساڪن وينجن مٿان جزم ڏني ويئي آهي. انهي ۾ سان اهو ٿو ظاهر ٿئي تہ اهڙن لفظن جي تحريري صورت وقت صوتياتي اصولن ۽ آوازن جي جوڙن (componants) جي پابندي نہ ڪئي ويئي آهي. مثلاً:

سنڌي پرائيمر	سنڌي پهريون ڪتاب
ڪِچِڙو(١)	ڪِچْڙو(٢)
ڪَتِري(٣)	ڪَتْري(٤)
سُهِڻا(٥)	سُهْڻا(٦)

مٿين لفظن ۾ [چْڙ]، [تْر]، [هْڻ] سنڌي صوتياتي نظام موجب گڏيل آواز آهن، انهن جي سنڌي پهرئين ڪتاب واري صورتخطي درست آهي.

منڍ وارا گڏيل آواز ۽ جزم

لفظن جي وچ وارن گڏيل آوازن کان سواءِ، ڪن لفظن جي منڍ ۾ بہ گڏيل آواز، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن آهن. هيلتائين سنڌي ڪتابن ۾ منڍ وارن گڏيل آوازن کي بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي. انهن جي برابر خبر تڏهن پوندي، جڏهن لکيل صورت کي نظرانداز ڪري، آچاريل آوازن

(١) ابراهيم جويو: ”سنڌي پرائيمر“، ص ٣٨.
(٢) ايضاً ”سنڌي پهريون ڪتاب“، ص ١٥.
(٣) ايضاً ”سنڌي پرائيمر“، ص ٣٢.
(٤) ايضاً ”سنڌي پهريون ڪتاب“، ص ١٥.
(٥) ايضاً ”سنڌي پرائيمر“، ص ٢٥.
(٦) ايضاً ”سنڌي پهريون ڪتاب“، ص ٢٠. ...

ڪي پڙهبو ۽ انهن تي سوچبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن ۾ ڪي هيٺيان ڳنڍيل آواز لفظن جي منڍ ۾ ڪم اچن ٿا. مثلاً:

منڍ وارو ڳنڍيل آواز	لفظ جو اُچار
/پْرَ^-/	پْريمُ
/بْرَ-/	بْرَهمڻُ
/ڏْ^يَ-/	ڏْ^ياري
/ڏ^يَ-/	ڏ^يانُ
/پْيَ-/	پْيارُ
/ڳْيَ-/	ڳْيانُ
/ڪْيَ-/	ڪْياڙي

سنڌي ڪتابن ۾ 'ڏ^يانُ'، 'پْيارُ' ۽ 'ڪْياڙي' لفظن ۾ [ڏ]، [پ] ۽ [ڪ] کي ساڪن نہ سمجهي، انهن کي متحرڪ بنائڻ لاءِ هيٺ [اِ] سُرُ ڏنو ويو آهي(١)، حالانڪ [ڏ^يَ]، [پْيَ] ۽ [ڪْيَ] وغيره ديسي صوتياتي نظام موجب ڳنڍيل آواز آهن، جي سنڌي لفظن ۾ ديسي صوتياتي خصوصيتن جا حامل آهن(٢). انهن ڳنڍيل آوازن ۾ پهريان 'جوڙ' ساڪن آهن، انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ۾ درستيون آڻڻ جي گهرج ضرورت آهي. مثلاً:

منڍ وارو ڳنڍيل آواز	سنڌي ڪتابن ۾ ڪم اينڌڙ صورت	درست صورت
/پْرَ-/	پِريمُ	پْريمُ
/ڏْيَ-/	ڏِيانُ	ڏ^يانُ
/ڏْ^يَ-/	ڏِياري	ڏْ^ياري
/پْيَ-/	پِيارُ	پْيارُ
/ڳْيَ-/	ڳِيانُ	ڳْيانُ

(١) ابراهيم جويو: ''سنڌي پهريون ڪتاب''، ص ص ١٣، ١٤ ۽ ١٦.

(٢) Lachman Khubchandani, "The Phonology and Morpho-Phonemics of Sindhi", M. A. Thesis, Pansylvania University, 1961, P. 18.

/ٻُرِٻُم/، /ڏُيان/ ۽ /ٻُنائي/ ۾ پهريان ساڪن آواز، ٻئي جوڙ سان گڏ، گڏيل آواز ڪان پوءِ ڪم ايندڙ سُرَ سان متحرڪ ٿين ٿا(١٠).

١٣- صاف سر ۽ جزم

سنڌي ڪتابن ۾ صاف سُرَن(٢) جي تحريري صورت ۾ به 'جزم' جو استعمال درست نه آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته 'جزم' جنهن کي 'سڪون' به چئبو آهي، ان جو ڪم آهي ڪن ساڪن وينجن آوازن کي تحريري صورت ۾ ڏيکارڻ. ڀلا اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته سر به خاموش يعني غير متحرڪ هجن؟ جيڪڏهن اهي غير متحرڪ نٿا ٿي سگهن ته پوءِ سرن جي لکيل صورتن مٿان جزم لکڻ جي ضرورت ئي ڪانه آهي. اها اوڻائي "جامع سنڌي لغات" ۾ بہ جابجا نظر اچي ٿي(٣). سنڌي درسي ڪتابن ۾ لکت هنريت آهي:

گيٽَ(٤)، گڏِجي(٥)، وَسائي(٦)، سارا هيٺون(٧).

مٿين لفظن ۾ [اِي]، [اِي] ۽ [اوُن] ڊگها سر آهن،

---

(١) هيءَ هڪ نئون ۽ فني بحث آهي، جنهن لاءِ لکيل صورت تي نه، بلڪ اچاريل آوازن کي ٻڌڻ ۽ ان تي سوچڻ جي ضرورت آهي.

(٢) 'صاف' مان هت مراد اهي سُرَ آهن، جيڪي گهٽا نه هجن، يعني non-nasalised.

(٣) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "جامع سنڌي لغات"، جلد اول، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٠ع.

(٤) ابراهيم جويو: "سنڌي پهريون ڪتاب"، ص ٥.

(٥) ايضا

(٦) ايضا

(٧) ايضا —— ۽ پڻ ڏسو "جامع سنڌي لغات" ۽ حرف علتن مٿان جزم جو استعمال.

۽ انهن جي مٿان جزم ڏيڻ درست نہ آهي. مثلاً: 'گيت' لفظ ۾ [گ] وينجن آواز پٺيان [اِي] سُر آواز اچارڻ سان [گِي] پڌ ٿئي ٿو. سر تہ وينجنن کي تحرڪ ۾ آڻين ٿا، ۽ آهي خود هميشہ متحرڪ هوندا آهن. انهن جو غير متحرڪ هئڻ ممڪن نہ آهي. انهيءَ ڪري اهڙن زائد 'جزمن' وارن لفظن جي درست صورت هيٺ ڏجي ٿي:

سنڌي ڪتابن ۾ عام صورت	درست صورت جي سفارش
آهيْ (١)	آهي
هيْءَ (٢)	هيءَ
تِيلِيْ (٣)	تيلي
مُوْرِيْ (٤)	مُوري
ٿُوْرِيْ (٥)	ٿُوري
پيْرَ (٦)	پير

حاصل مطلب تہ سرن جي لکيل صورتن مٿان جزم جو استعمال غير ضروري آهي. اهڙيءَ طرح [اوْ] سر جي لکيل صورت 'اوْ' ۾ 'پيش'، 'و' جي مٿان اچڻ کپي، ۽ هت بہ جزم ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي؛ جيئن: 'مُوري'، ۽ نہ کہ 'مُوْرِيْ'، جيئن سنڌي پرائيمر ۾ ڏنل آهي. هن ڏس ۾ گهڻن سرن جي بيان وقت پروفيسر ملڪاڻي بہ صاف نظر نٿو اچي. هو لکي ٿو تہ پيش 'نُ' مٿان ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ 'ڇتون' لفظ جي هجي ڪرڻ مهل ٻار چوندا آهن: 'ڇي زبر ڇَ،

(١) ابراهيم جويو: "سنڌي پرائيمر"، ص ٧.
(٢) ايضاً، ص ٧.
(٣) ايضاً، ص ٢٦.
(٤) ايضاً، ص ٢٧.
(٥) ايضاً
(٦) ايضاً، ص ٢٨.

تي وا نون پيش نون، انهيءَ ڪري 'نون' کان پوءِ 'پيش' چوڻ سان، 'پيش' 'نون' مٿان ڏيڻ کپي(١). دراصل 'چرُونُ' ۽ اهڙن ٻين لفظن ۾ 'نُ' صورت، گهٽي وينجن طور ڪم آندل نہ آهي، پر اهڙن لفظن ۾ 'نُ'، صرف گهٽي سر جي نشانيءَ طور ڪم آندل آهي، جيئن اڳ ۾ چيل آهي، مثلاً:

گهٽو ڊگهو سر	صاف ڊگهو سر
سائين	سائي
آسين	آسي
رَوان	روا
چرُونُ	چرُو

مٿين لفظن ۾ [اِي]، [آ] ۽ [اوُ] ''صاف ڊگها سُرَ'' آهن، ۽ [اِين]، [آن] ۽ [اوُن] گهٽا ڊگها سُرَ آهن، انهيءَ ڪري 'زير' يا 'پيش' سرن جي لکيل صورتن جي هيٺان يا انهن جي مٿان ڏيڻ کپي. جيتريقدر ملڪاڻي صاحب جي بيان ڪيل 'هجي' جو سوال آهي، ان ۾ تبديليءَ جي ضرورت آهي. جيئن:

لفظ	عام (ديوان ملڪاڻيءَ جي اصول واري) هجي	درست هجي جي سفارش
آهي	الف مد آ، هي يي زير، هي	ـــساڳيــــ
آهين	الف مد آ، هي يي نون زير، هين	الف مد آ، هي يي زير نون، 'هين'
رَوا	ري زبر رَ، وا الف وا	ــــساڳيــــ
رَوان	ري زبر رَ، وا الف نون، وان	ــــساڳيــــ
چرُو	چي زبر چَ، را وا پيش، روُ	ــــساڳيــــ

(١) منگهارام ملڪاڻي: ''ماهوار سنڌو''، ڊسمبر ١٩٤٥ع، ص ١١ ۽ ٻئو ڏسو: مارچ ١٩٤٦ع، ص ص ١٨، ١٩ ۽ ٢٠.

چَروُن چي زبر چَ، ري وا دِ‍ن پيش چي زبر چَ، ري وا پيش نون، روُن(١) ُروُنُ

اهڙيءَ طرح سنڌي يڪ-پدا پَتا سر [ايَ] ۽ [اوَ] به درست نَتا لکيا وڃن. مثلاً:

خيَرُ جي بدران لکن خَيْرُ

بيتَ جي بدران لکن بَيْتُ

قوَمَ جي بدران لکن قَوْمَ

فوَجَ جي بدران لکن فَوْجَ

انهن سڀني ۾ 'جزم' جي استعمال مونجهارو پيدا ڪيو آهي. هڪ غير سنڌي جڏهن سنڌي پڙهڻ ويهندو، تڏهن 'و' صورت ڪي وينجن سمجهندو، نه سُرَ، ڇاڪاڻ ته سرن مٿان جزم ڪانه ڏني ويندي آهي.

گهٽا سر ۽ جزم

(الف) پراڻن سنڌي ڪتابن ۾ گهٽي سُرَ واري 'ن' مٿان به جزم ڏني ويئي آهي. مثلاً: آهينْ، آسينْ.

'آهينْ' ۾ 'ن' مٿان جزم جو استعمال ڏيکاري ٿو ته 'ن' ساڪن آهي، نه ڪه نون غنو، حالانڪ ساڪن وينجن [ن] ۽ گهٽي سُرَ واري 'ن' ۾ وڏو فرق آهي. مثال طور:

ساڪن وينجن [ن]	گهٽي سر (حرف علت) وارو 'ن'
سَنْتَ	آهين
هَنْسِ	تنهين
گهنْٽيي	تڏهن

(١) هجي ۾ تفاوت فقط 'اِين' ۽ 'اوَن' گهٽن ٻ گهن سُرَن جي صورت ۾ ڪيو وڃي ٿو. جنهن صورت ۾ 'آن' جي هجي ڪرڻ مهل سُرَ ڪان پوءِ 'ن' ڇيو وڃي ٿو (جيئن: آن) تنهن صورت ۾ 'اِين' ۽ 'اوَن' جي هجي ڪرڻ وقت به ائين ڪرڻ گهرجي.

وسرگ آواز

انگريزن جي ابتدائي زماني ۾ ڇپيل ڪتابن مان معلوم ٿو ٿئي ته ان دور جي سنڌي ڪتابن ۾ وسرگ آوازن جي صورتخطيءَ ۾ يڪسانيت جو خيال نه رکيو ويو هو، يعني ته ان دور جي ڪتابن جي صورتخطيءَ ۾ ڦيرگهير نظر اچي ٿي.

سنڌيءَ جا [ل]، [ڙ]، [م]، [ن] ۽ [ڻ] آواز هيٺين لفظن ۾ وسرگ آهن.

'ڪالھہ'، 'ڳاڙهو'، 'ٻانھوُن'، 'سامھوُن'، 'ماڻھوُ'. ڀر لفظن جي پڙهڻ ۾ ڪيترن ئي مصنفن، [لھ]، [ڙھ]، [نھ]، [مھ] ۽ [ڻھ] کي وسرگ آواز نه سمجهي، [ل ۽ ھ]، [ڙ ۽ ھ]، [ن ۽ ھ]، [م ۽ ھ] ۽ [ڻ ۽ ھ] کي ڌار ڌار آواز ظاهر ڪيو، ۽ انهن وسرگ آوازن کي سنڌي صورتخطيءَ ۾ سر جي ذريعي ڌار ڪري ڇڏيو؛ گويا اهي آواز وسرگ نه آهن؛ مثلاً:

ديوان آڌارام واري صورت(١)	درست صورت
پڙِهيوٗ	پڙهيو
ڳالِهِيوُنٗ	ڳالهيوُن
سَمِهِيٗ	سمهي

بلڪل ساڳيءَ طرح [ل]، [ڙ]، [م]، [ن] ۽ [ڻ] جي وسرگ آوازن [لھ]، [ڙھ]، [مھ]، [نھ] ۽ [ڻھ] کان بيخبر

---

(١) منشي آڌارام: "سنڌي پهريون ڪتاب"، ص ص ٩، ١٣ ۽ ٢٧.

* ڪن صاحبن پڙهيو لفظ ۾ 'ھ' مٿان جزم ڏني آهي، جزم جو اهڙو استعمال درست نه آهي، ڇاڪاڻ ته جزم مان اٿين سمجهبو ته [ھ] ڌار ساڪن وينجن آهي. انهيءَ لحاظ سان [ڙھ] 'ڙ' ۽ 'ھ' جو گڏيل آواز سمجهبو، جو سنڌيءَ ۾ ممڪن نه آهي.

هن سبب سنڌيءَ جا ڪيترائي استاد وسرگ آوازن کي حرف علت ذريعي ڌار ڪندا آهن، ۽ ’هجي‘ ڪندا آهن:

١- پڙهيو : پي زبر پَ، ڙي زير ڙِ، هي زير هِ، يي وا يو.

٢- سُمهي : سين پيش سُ، ميم زير مِ، هي يي زير هي.

پر انهن لفظن جي درست هجي ٿيندي:

١- پڙهيو : پي زبر پَ، ’ڙهِ‘ زير ڙِهه، يي وا يو.

٢- سُمهي : سين پيش سُ، ’مه‘ يي زير، مهي.

جويو صاحب جيتوڻيڪ مٿين آوازن جي وسرگ جوڙ کان واقف آهي(١)، پر هن ۾ ڪيترن ئي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ فرق ڏيکاريو آهي(٢). مثلاً:

آواز	جويي جو استعمال	جويي واري مقرر ڪيل صورتخطي	فرق
ڙهه	ڙهه(٣)	ڳاڙهو	—
ڙَهه	ڙَهه	ڳاڙَها	زبر (آ سر) ڪم آئي، [ڙهه] کي [ڙ] ۽ [هه] ۾ ڌار ڪيو اٿس.
ڙهه	ڙُهه	ڏاڙُهوُن	پيش (اُ سر) ڪم آئي، [ڙهه] کي [ڙ] ۽ [هه] ۾ ڌار ڪيو اٿس.
ڙهه	ڙِهه	ڳوڙِهي	زير (اِ سر) ڪم آئي، [ڙهه] کي [ڙ] ۽ [هه] ۾ ڌار ڪيو اٿس.

دراصل سندس سنڌي پرائيمر ۾ هيٺيون ڏسيل درستيون ٿيڻ کپن:

جويي واري صورت	درست صورت لاءِ سفارش
ڳاڙَها	ڳاڙها
ڏاڙُهوُن	ڏاڙهوُن

(١) ابراهيم جويو: ”سنڌي پرائيمر“، ص ص ٣٦ ۽ ٣٧.

(٢) ايضاً

(٣) ايضاً

ڳوڙهي	ڳوڙهي
سنهي	سنهي
ملهون	ملهون

١٤- شد

درسي ڪتابن ۾ 'شد' جي استعمال ۾ به يڪسانيت نه آهي. مثلاً: پهرئين ڪتاب ۾ 'اَنّ' ۽ 'ڪَنّ' لفظن تي شد جو نشان (mark of gemination) نه ڏنو ويو آهي(١)، پر اڳتي هلي 'پَنّ' لفظ ۾ 'ن' تي 'شد' ڏيئي، 'پَنّ' لکيو ويو آهي(٢). عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ شد جي نشاني ڪم نه آندي ويندي آهي، حالانڪ اچار ۾ ڪي آواز، ڪن اصولن هيٺ (جن جو هت ذڪر نٿو ڪيو وڃي) مشدد (geminated) ٿين ٿا. اهو هڪ جدا بحث آهي(٣)، جنهن جي هن ڪتاب ۾ گنجائش ڪانهي.

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ فني لحاظ کان گهڻين ئي درستين جي ضرورت آهي.

---

(١) ابراهيم جويو: ''سنڌي پهريون ڪتاب''، ص ص ٥ ۽ ٦.
(٢) ايضاً ص ٧.
(٣) هن نڪتي تي هڪ ڌار مقالي لکڻ جي ضرورت آهي.

ضميمو ١

لفظن جي درست لکڻ لاءِ سفارش

ڪتابي صورت	درست صورت لاءِ سفارش
بَابَا	بابا
گهَاتوُ	گهاتو
ڪِچِڙوُ، ڪِچِڙو	ڪِچِڙو
سَنهِيَٽا، سُهِٽا	سُهِٽا
ڏِيَانُ	ڏيانُ
پِرِيمُ	پِريمُ
پِيَارُ	پِيارُ
گِيَانُ	گيانُ
تِيَاڳِ	تِياڳِ
ڏِيَارِيُ	ڏيارِي
گِيتُ	گيتُ
گَڏِجِيُ	گَڏِجي
سَارَاهِيُونُ	ساراهيونُ
آهِ، آهِيُ	آهي
تِيلِيُ	تِيلي
مَوڙِيُ	موڙِي
تَوڙِيُ	توڙِي
پِهُرُ	پهر
خِيرُ	خيرُ

كتابي صورت	درست صورت لاءِ سفارش
بَيْتُ	بيتُ
قَوْمَ	قوم
فَوْجَ	فوج
آهين	آهين
آسين	اسين
پَڙهيو	پڙهيو
ڳالهيون	ڳالهيون
سمهي	سمهي
ڳاڙها	ڳاڙها
ڏاڙهون	ڏاڙهون
ڳوڙهي	ڳوڙهي
سنهي	سنهي
ملهون	ملهون
جوار ي	جوئاري
هوا ۽ هئا	هئا
ڪئا	ڪوئا
شيءِ، شئي	شي
مَي	مي
هي	هي
هيءَ	هيءَ
لغڙ	لغڙ
ترس	ترس
غلط	غلط
مائٹهوءَ	مائٹهوءَ
چاقو	چاقو
زيتون	زيتون
لابارو	لابارو

ڪتابي صورت	درست صورت لاءِ سفارش
سهڻو	سهڻو
ڪهڙو	ڪهڙو
روشن	روشن
سهل	سهل
آرتوار	آرتوار
چنچر	چنچر
نڪرو	نڪرو
رهجي	رهجي
رکجي	رکجي
لتهرون	لتهرون
ليکيل	ليکيل
مکين	مکين
جنڌهين، جنڌهين	جنڌهين
زيان	زيان
سپ	سپ
ارچڪ	ارچڪ
مرچڪ	مرچڪ
چهنبڪ	چهنبڪ
چرچو	چرچو
جنهن	جنهن
پرن	پرن
آصل	آصل
آيريو	آيريو
ڏسبا، ڏسبا	ڏسبا
واٽهڙو	واتهڙو
سيڪو، سيڪو	سيڪو
گڏلي	گڏلي

كتابي صورت	درست صورت لاغ سفارش
پكري	پكري
پهتيون	پهتيون
آكري	آكري
كوزن	كوزن
دوكن	دوكن
قوكن	قوكن
توكن	توكن
پوچن	پوچن
پيمتي	پهتي

ضميمو ٣

اهڙن سنڌي لفظن جي فهرست جن سان سر ڪائي رڪندڙ ڪيترائي لفظ رگويد ۾ به ملن ٿا:

سنڌي لفظ	رگويدڪ لفظ
بستي	وَستِيِ
ڏير	ديو رِ
پڪو ٿل، پڪل ٿل	پَڪُوَ ٿلَم
ماڻ	مانَ
کير (ڪشَ ـ > ڪ)	ڪشير
چَروڙي، چوُنري	چَر
مَڃ	مُڃَ
ڪنب (وڏو ڀالو)	ڪنب
چڪرو	چَڪُرَ
پرٿوي	پرَتوي
داسَ	داسَ
آب	آپو
جوڙو	يوڪتر
نيهه > نيهن	سنيهه

(1) Vijaya Krishna brothers, "Literary History of India", Omle Co., Inc:, New York, P. 5.
Also see: Chandra Chakraverty, "Racial History of India", Vijaya Krishna brothers, Calcutta, PP. 170—225.

رگويدڪ لفظ	سنڌي لفظ
وڏويو	ورڏورا
مامس	ماس
ڪانچي	ڪانچ (شيشو)
ڪنڪت	ڪنگي (ڦڻي)
يئو	جئو
ونس	وڃ
گئو	گئون
سمندر	سمونڊ، سمنڊ
ستي	سچ
آرت	آرت
رت	رت
جيهو	جيب

ضميمو ٣

البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ ڏنل لفظن جي فهرست، جيڪي سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان به اڳ، رواجي طرح ڪم ايندا هئا. انهن مان ڪن لفظن جي هاڻوڪي صورت ڏنگين ۾ رکي ويئي آهي.

البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو	لفظ	البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو	لفظ
١٩	مليڇ	٣١	ايشور
٤٠	پرش	٤٠	بُدّ
	درم	٤٢	ديوي
٤٢	وديت (وج)		پنچ ماترس (پنج ماڻرون)
	شبد		پوٿي
	روپ (روپ)		رس (رس)
	گند (گند)	٤٥	وشنو پراڻ
٥٢	واسو ديو	٥٤	لڪشمي
٥٤	امرت		مهاديو
	آماديوي		ڪلپ
٥٩	لوڪ	٥٩	سور لوڪ (Paradise)
	ناگ لوڪ		نار لوڪ
	پاتال		مديه لوڪ
٦٩	شواس (ساهه)	٧٠	وويڪ
٧٠	موڪش (موک)	٨٩	پرجاپتي
٨٩	راڪشس (راڪاس)		پشاچ
	پوت		آشور

البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو	لفظ	البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو	لفظ
٨٩	ديہو	١٠٠	ورڻ (Colour)
١٠١	ڪشتري (ڪتري)	١٠١	شوڌر
	چنڊال		پدم
١٢٠	ڪنار (ڪهاڙي)	١٢٧	شلوڪ
١٣٥	وياڪرڻ	١٣٦	چندس (چند)
١٣٨	لگهه (هلڪو)	١٣٨	گرو (ڳرو)
١٣٩	ماترا	١٨٠	ڪرتڪس (ڪرتو)
١٤٠	جولن (جول > جور > جر)		
١٤٠	پروت (پربت)	٢١٩	ڪنيا
٢١٩	ڪام	١٥٦	لوڻ - مشٽي (لوڻ مٺ)
١٦٠	سورڻ = ١$\frac{1}{3}$ تولا		
	تولا	١٦٠	ماشا (ماسا)
	١٦ ماشا = هڪ سورڻ		
١٦٥	تلا (تور)	١٧٢	آڪشر (اکر)
	پاوڪ، دهن، تپن، جولن ۽ اگني		
	سموندر (سمونڊ، سمنڊ)، ساگر		
	ماش (ماس > ماهه)		
	وسرگ	١٧٣	مالوازي (لکت جو نمونو)
١٧٣	سئندو (لکت جو نمونو)		
	لاڙي (لاڙ ديس ۾ ڪم ايندڙ لکت)		
	اوم	١٧٤	آنڪ (انگ)

علم هيئت جا نالا

البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو	لفظ	البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو	لفظ
١٧٨	گگن	١٧٨	آڪاش
	امبر		اڀر
	چندر		لوچن
	لکش (ليک)		

البيرونيءَ جي كتاب جو صفحو	لفظ	البيرونيءَ جي كتاب جو صفحو	لفظ

مهينن جا نالا

٢١٧	چيتر (چيٽ)	ويشاک (ويساک)
	جيشٽ (جيٺ)	آشاڊ (آکاڙ)
	شراوڻ (سانوڻ)	ڀادرپد (بدو)
	آشوَيج (آسو)	ڪارتڪ
	مارگ شيرش (ناهري)	(ڪتي)
	پوش (پوهه)	ماگهه (ماگهه)
	ڦالگن (ڦڳڻ)	

ڏينهن جا نالا

٢١٣ آدتي بار (آچر)
سوم بار (١) (سومار، سومر)
منگل بار (منگل، اڱارو)
بڌ بار (٢) (ٻڌ وار > ٻڌر)
برهسپتي بار (٣) (وسپت)
شُڪر بار (شڪروار)
شنشچر بار (٤) (ڇنڇر)

گرهن ۽ سيارن جا نالا

٢١٥ آدتيہ، شوريہ، آرڪ، ڀانُ (Sun)
سوم، چندر، اِندُ (Moon)
منگل، ڀومي، ڪُج، آر، وَرڪ (Mars)

---

(١) سوم بار > سوم وار > سومار > سومر
(٢) بڌ بار > ٻڌ وار > ٻڌر
(٣) برهسپتي بار > ورهسپت > وسپت
(٤) شنشچر > ڇنڇر

البيروني ء جي كتاب جو صفحو	لفظ	البيروني ء جي كتاب جو صفحو	لفظ
٢١٥	بُڌَ، شوُمْيُ، چاندْرَ ء (Mercury)		
	وْرِهسْپتي، گُرُ، جِوَ (Jupiter		
	شُڪْرَ (Venus)		
٢١٦	سوبر گْرَهَہ (Everything lucky is called)		
	پاپَ گْرَهَہ (Everything which is unlucky)		

طرفن ءِ ڏسين جا ڏالا

٢٩٠	دَڪْشِڻَ (ڏکڻ)		اُتَرَ (اُتر)
	پَشْچِمَ (پڇم)		پوُرْوَ (پورب)
	اَپَرَ (مٿي)		تَلَ (تَرِ)

مهل ءِ گهڙيون

٣٣٤	پِراڻَ		ڪِشَڻَ (کَنِ)
٣٥٧	رِتُ (رُت)	٣٥٩	راتْري (رات)
٣٥٩	ماسَ (ماهه)		پَڪْشَ (پک)
	بَرْشَ، بَرْهَہ (ورهه)		

[پاڳو ٢]

٢٠	آدَر (آدِ تِ، آدِ ڪ)	٢٠	يُگ > جُگ
	ڪَلْپَ	١٠٧	چَڪر

جدولون

١٦١	هڪ ماشَ (ماشو) = ٤ آنڍِي (وَڻ جو ٻجهه)
	هڪ انڍي = ٤ يَوَ (جَوَ)
	هڪ يَوَ = ٦ ڪلا
	هڪ ڪلا = ٤ پاد ( )
	هڪ پادَ = ٤ مَنْڊري ( )
١٦٣	٤، آنڍِي = ١، ماشَ (ماشو) ( )
	٨، ماشَ = ١، چٽا ( )

البيروني ۽ جي كتاب جو صفحو — لفظ

٢، چٽا = ١، ڪَرش، سُوَرڻَ

١٦٣ ٤، سُوَرڻَ = ١، پَلَ

٤، پَلَ = ١، ڪُڊَوَ (ڪوڏي)

٤، ڪُڊَوَ = ١، پرَسٿَ

٤، پرَسٿَ = ١، آڍَڪَ

٤، آڍَڪَ = ١، ڌرَوڻَ

٢، ڌرَوڻَ = ١، شورپَ

٢، شورپَ = ١، چَنا

٢٠٠٠، پَلَ = يارَ

٢٠٠٠، پَلَ = هڪ ڍڳو

مفاصلي جي ماپ

١٦٦ ٨، جَو = ١، آڱگُلَ (آڱر)

٤، آڱگُلَ = ١، لامَ

٢٤، آڱگُلَ = ١، هَتّ

٤، هَتّ = ١، ڏَنُ

٤٠، ڏَنُ = ١، نَلُوَ (نَري)

٢٥، نَلُوَ = ١، ڪُروشَ (ڪروهه > ڪوهه)

١، ڪُروشَ = ٤٠٠٠، هَتَ

آڱوٺي جي چيڙي کان چيچ جي چيڙي تائين ماپ = وِتَستي (وٽي)

آڱوٺي ۽ ڏسڻي آڱر جي وچ واري ماپ = گوڪَرڻَ

آڱوٺي ۽ ٻاچ ،، ،، ،، = ڪَرَپَ

آڱوٺي ۽ وچين ،، ،، ،، = تالَ

ضميمو ۴

چچنامي ۾ ڏنل لفظ، جيڪي سنڌ ۾ اسلامي دور کان اڳ ڪم ايندا هئا.

چچنامي جو صفحو	لفظ	
۲۱	راءِ سيهرس	(ماڻهوءَ جو نالو)
"	ساهسي راءِ	"
"	اروڙ	(شهر جو نالو)
"	ديبل	
"	مهراڻ	(دريا جو نالو)
۲۲	چچ پور	(شهر جو نالو)
۲۳	نيرون ڪوٽ	
۲۴	ڏاهر	(ماڻهوءَ جو نالو)
۲۵	چندر	
۲۷	سونهن ديو (سونهن ديوي)	(عورت جو نالو)
۴۶	وڪيو	(ڪاڪي جو پٽ)
	مٿو	(ماڻهوءَ جو نالو)
	ڪاڪا راج	
۵۵	لاکا	(ذات جو نالو)
	سهتا	
	اگهم لوهاڻه (لوهاڻو)	
	برهمنا باد (برهمڻ آباد)	(شهر جو نالو)
۵۶	اگهم	(ماڻهوءَ جو نالو)

چڇنامي جو صفحو	لفظ	
٢٠٩	جهم	(دريا جي شاخ جو نالو)
٢١٠	ڪوتڪه (ڪنڪو)	"
"	ڪرهل	—
٢٤٩	ڍول	(ماڻهوءَ جو نالو)
٢٥٠	جوٽو	"
٢٥١	ٻجهاري	"
"	اسرهيل	"
٢٦٨	لاڏي	(عورت جو نالو)
٢٩١	جلوالي	(نهر جو نالو)
٣٢١	سانودي	"
	ڍنڍ وڪربهار*	(ڍنڍ جو نالو)
٣٣٨	چگي	(عورت جو نالو)
	نگامره، نڪامره	(ذات جو نالو)

* "وڪر" شايد وڪر بندر ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جو انگريزن جي دور تائين به آباد هو، ۽ ڪيٽي بندر وٽ هو.

ضميمو ۵

عرب سياحن ۽ پين مؤرخن جي ڪتابن ۾ ڏنل ڪن شين جا نالا ۽ اسم، جيڪي سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان به اڳ ڳالهائبا هئا:

لفظ	لفظ
سنڌڻ(۱)	سنداڻ(۲)
چندن(۳)	مُشڪ (عربي مسڪ)(۴)
ڪنڊ(۵)	جَتَ
واٽيا(۶)	سيڙهه
ڏيڪي	آڪرو
ڪپور(۷)	دنگي(۸)

(1) John Marshall, "Mohen-jo-Daro & The Indus Civilization", London, 1931, P. 33.

(۲) سنڌ لوهارڪي ڪم ۾ شهرت رکندڙ هئي. سنڌ مان ٺهيل سامان سان گڏ، سنڌ جون تلوارون به عربستان ڏانهن وڪري لاءِ روانيون ڪيون هيون، ڏسو: جاحظ: "رسالة فخر السودان علي البيضان"، حوالو ڏنو ويو آهي، ص ۵

(۳) سيد سليمان ندوي: "عرب و هند کے تعلقات"، هندستان اڪيڊمي، الهآباد، ۲۹-۱۹۲۰ع، ص ۶۹

(۴) ايضاً

(۵) ايضاً

(۶) ايضاً

(۷) ايضاً، ۽ پڻ ڏسو: بزرگ بن شهريار: "عجائب الهند"، جلد اول، حوالو ڏنو ويو آهي، ص ۲۰۱

(۸) ايضاً، ص ۶۳

لفظ	لفظ
هندول (هندورو)(١)	چيٽ(٢) (ڪپڙي جو قسم)
پٽ(٣)	ڪرمچ(٤)
بجاج	نير (رنگ)(٥)
انب(٦)	اُوچ (اوچو، عربي اوج)(٧)
ايلاچي(٨)	ڪرٽ قول(٩)
چاء قل(١٠)	توتنتو(١١)
نيلوفر، نيلو قل(١٢)	مهڪ
ڪڪ (طب جو لفظ)	پٽ(١٣)
ليسوڙا(١٤)	ايريو(١٥)

(١) سيد سليمان ندوي: "عرب و هند کے تعلقات"، ع: ذسو: بزرگ بن شهريار: "عجائب الهند"، جلد اول، ص ٢٠٢.

(٢) ايضاً، ص ٧٠

(٣) ايضاً

(٤) ايضاً

(٥) ايضاً

(٦) ايضاً، ص ١٥٢

(٧) ايضاً، ص ١٤٢

(٨) ايضاً

(٩) ايضاً، ص ٦٩

(١٠) ايضاً

(١١) ايضاً

(١٢) ايضاً، ص ٦٩

(١٣) ايضاً، ص ١٥٢

(١٤) ڊاڪٽر ممتاز حسن پٺاڻ: مقالو، سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو، قسط ٻي، ماهوار نئين زندگي، مارچ ١٩٦٩ع، ص ٤٦.

(١٥) ايضاً

لفظ	لفظ
هريڙ(١)	آنٺورا(٢)
ٻَنڌ(٣)	

(١) سيد سليمان ندوي: "عرب و هند ڪي تعلقات"، ص ٦٩

(٢) ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ: مقالو، سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو، قسط ٻين، ماهوار نئين زندگي، مارچ ١٩٦٩ع، ص ٤٦.

(٣) حوالو پهريون، ص ٦٩

ضميمو ٦*

جپسي ٻوليءَ جا لفظ جيڪي سنڌي ٻوليءَ سان هڪجهڙائي

ڏيکارين ٿا:

جپسين کي 'ٻنجارا' به چوندا آهن. 'ٻنجارا' لفظ، سنڌي لفظ 'وڻجارا' جي بدليل صورت آهي. ساهرن جو رايو آهي ته اها جپسي (وڻجارا) قوم، اوائل ۾ برصغير جي اتر-اولهه (پنجاب-سنڌ) واري حصي جي رهواسڻ هئي، ۽ آتان لڏي پهرين ايران ۽ ميسوپوٽيميا ايراضين ۾ اچي رهي، ۽ اتان پوءِ مصر ڏانهن ويئي.

جپسي ٻوليءَ ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪي هڪجهڙايون ثابت ٿيون آهن، تن مان ظاهر آهي ته هيءَ قوم اصل سنڌ جي رهاڪو هئي. ليلو لکي ٿو ته "هيءَ قوم يورپ جي ڪن حصن ۾ پاڻ کي 'زنگنلي' ته ڪٿي "رومي"، ته ڪٿي وري "سنتي" سڏائيندي آهي. 'سنتي'، 'سنڌيءَ' جي بدليل صورت آهي. خود جپسي به هڪٻئي کي مخاطب ٿيڻ وقت "سنتي" چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي 'ساٿي'".

ليلو پنهنجيءَ دعوا جي ثبوت لاءِ هيروڊوٽس جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"سنڌي نالي هڪ ننڍڙي هندي قوم، ڪاري سمنڊ جي ويجهو، ٿامن نالي ٻيٽ ۾ رهندي هئي. اهو سمو عيسوي صديءَ کان ڇهه-اٺ سو ورهيه اڳ جو آهي".

---

* هن ضميمي جو مدار مسٽر ليلي رچندانيءَ جي اُن مقالي تي آهي جيڪو سماهي مهراڻ، نمبر ٣، سال ١٩٦٧ع ۾ ٣٩ صفحي کان ٤٤ تي ڇپيل آهي.

چمن لال جو حوالو ڏيندي ليلو لکي ٿو:

”پنجاب جي هڪ ايراضيءَ ۾ ’جنگر‘ نالي هڪ پنتي پيل قوم هن وقت به رهندي آهي، جا هڪ ’سندوئي‘(١) قوم جو جزو آهي، ۽ جنهن جي ٻولي ’سنڌي‘ ٻوليءَ سان رشتو رکندڙ آهي، اها قوم ئي ايران جي اندروني ايراضين تائين ويل ٿي ڏسجي“.

مٿين بحث مان هي نتيجو ٿو نڪري ته جپسي قوم، سنڌي وڻجارا هئا، جيڪي عيسوي سن کان ڇهه-اٺ صديون اڳ، ڪاري سمنڊ تائين پهچي چڪا هئا. هن بحث مان هي به نتيجو ٿو نڪري ته سنڌي ٻوليءَ جا آهڃاڻ ۽ آثار ٨٠٠-٦٠٠ ق.م ۾ به ملن ٿا، جيڪي جپسي ٻوليءَ جي بدليل صورتن ۾ موجود آهن. هيٺ اهڙن لفظن جون لڙهيون ڏجن ٿيون جيڪي ثابت ٿيون ڪن ته سنڌي ٻولي ٨٠٠-٦٠٠ ق.م. ۾ به معياري ٻولي هئي، ۽ جنهن جو هاڻوڪو ڍانچو بلڪل انهيءَ زماني واريءَ ٻوليءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿو:

جپسي لفظ	سنڌي لفظ	جپسي لفظ	سنڌي لفظ
چُري	چُري	تون	تون
بال	وار	تتو	تتو
يڪ	اک	مانس	ماڻهو
ڪن	ڪن	ٻڪرو	ٻڪرو، ٻڪر
نڪ	نڪ	مُک	مک
ڪارو (ڪالو)	ڪارو	ڪير	ڪولي
راءِ	راءِ	سنگ	سڱ
برو	ٻڙو (وڏو)	ٿر	دونهون
ٿان	ٿان	انگر	آڱر

(١) ممڪن آهي ته سنڌي لفظ: سندوئي > سنڌئي > سنڌي ٿيو هجي.

جپسي لفظ	سنڌي لفظ	جپسي لفظ	سنڌي لفظ
تُڊ	ڏُڏ	ڪندو	ڪندو
ماس	ماس	ڪوو	ڪوهه
پاني	پاڻي	راني	راڻي
پس	پُوسو	چور	چور
بُڙهو	ٻڍو	ارو	اٺو
چوري	چوري	سوانگ	سانگ، بهروپ
رَت	رَت	اوچو	اُچو
چڪ	چِڪ	سوتو	سُتو، سمهيل
سِگو	سِگهو	ست	ست، سار
شڪو	شڪو، شڪل	شنو	سڻ، پڌڻ
پير ننگو	پير ننگو،	پٽ	پَٽ، ڪپڙا
	(پير اگهاڙو)	اوتيه	آتي
نئه	ننهن	مڙس	مڙس، مرد
ميل	ميل، مر، مٽي	ميلالو	ميرو
متو	متو، ست	ماروءُ	ماڙهو
لوو	لوپ	ڪر	ڪر
جوو	جوڻ	جوَ	جوَ
بينگ	پينگ	درياو	درياه

مٽن مائٽن جا نالا

فين	پيڻ	فرل	ڀاءُ
سسرو	سهرو	سسئه	سس
ڪاڪ	ڪاڪو، چاچو	سالو	سالو

BIBLIOGRAPHY

سنڌي ڪتاب

١- ابوالحسن — مقدمة الصلوات،
برٽش ميوزيئم ۾ رکيل قلمي نسخو.

٢- آڏواڻي ڀيرومل — وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٻيون،
هندو پريس، ڪراچي، ١٩٢٦ع.

٣- آڏواڻي ڀيرومل — سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ،
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٦ع.

۴- جوڻيجو محمد ابراهيم — سنڌي پرائيمر،
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد،
مارچ ١٩٦٢ع.

۵- جوڻيجو محمد ابراهيم — سنڌي پهريون ڪتاب،
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد،
مارچ ١٩٦٢ع.

٦- حسام الدين راشدي — مقالو، منصوره جي تاريخ جو هڪ باب،
سماهي مهراڻ، نمبر ١، جلد ١٠،
حيدرآباد، ١٩٦١ع.

٧- ديوان ننديرام — بابنامو،
ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس،
ڪراچي، ١٨٦٩ع.

٨- ديوان پريداس — سنڌي پهريون ڪتاب، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٦٦ع.

٩- دين محمد وفائي — مقالو، سنڌي زبان جي مختصر تاريخ، مهراڻ جون موجون، پاڪستان پبليڪيشنز، ڪراچي، ١٩٦٤ع.

١٠- علي ڪوفي — چچنامو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٤ع.

١١- غلام علي قاضي — هندستان جي تاريخ، سنڌ نيوز پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٥٤ع.

١٢- غلام علي الانا — سنڌي صوتيات، ادبيات پبليڪيشنز، حيدرآباد، ١٩٦٧ع.

١٣- غلام علي الانا — مقالو، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سماهي مهراڻ، نمبر ٢، ١٩٦٧ع.

١٤- لوڪناٿ — سنڌي ٻوليءَ جي لپي، مسافر روڊ، بمبئي ١٩، ١٩٥٩ع.

١٥- ليلو رچنداڻي — مقالو، وڻجارا، سماهي مهراڻ، نمبر ٣، ١٩٦٧ع.

١٦- ميران محمد شاهه — سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه، سنڌ نيوز پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٥٥ع.

١٧- ميان محمد — سنڌي صرف ونحو، گورنمينٽ آف سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٨٦٠ع.

١٨- مرزا قليچ بيگ، سنڌي وياڪرڻ، جلد ٣،
سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٠ع.

١٩- ميمڻ محمد صديق سنڌ جي ادبي تاريخ،
جلد اول، ڇاپو ٽيون،
آر. ايچ. احمد برادرز، حيدرآباد،
١٩٥٤-٥٥ع

٢٠- منشي آڏارام سنڌي پهريون ڪتاب،
ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس،
ڪراچي، ١٨٧٧ع.

٢١- ڊاڪٽر ممتاز حسن پٺاڻ مقالو، سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا
۾ سنڌ جو حصو،
نئين زندگي، مارچ ١٩٦٩ع.

٢٢- ملڪاڻي منگهارام ماهوار ”سنڌو“،
ڊسمبر ١٩٤٥ع.

٢٣- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ،
حيدرآباد، ١٩٦٢ع.

٢٤- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جامع سنڌي لغات، جلد اول،
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٠ع.

٢٥- — اخبار تعليم،
جلد ١٢، اپريل ١٩١٣ع.

اردو کتاب

۲۶۔ عبدالحق مولوی — قواعد اردو، انجمن اردو پریس، اورنگ آباد، ۱۹۲۶ع

۲۷۔ سید سلیمان ندوی — عرب و ہند کے تعلقات، ہندستان اکیڈمی، الہ آباد، ۲۹-۱۹۳۰ع

۲۸۔ ابوالحسن مسعودی — مروج الذھب و معاون الجوہر، اردو ترجمہ، ہندستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، دارالمصنفین، اعظم گڑھ، ۱۹۶۰ع

۲۹۔ ابن ندیم — الفہرست، ایضاً، جلد دوم، ۱۹۶۲ع

۳۰۔ اصطخری — المسالک الممالک، ایضاً

۳۱۔ بشاری مقدسی — احسن التقاسیم فی معرفتہ، ایضاً، جلد اول، ۱۹۶۰ع

۳۲۔ بزرگ بن شہریار — عجائب الھند، ایضاً، جلد اول، ۱۹۶۰ع

۳۳۔ جاحظ — ”رسالة فخرالسودان علی البیضان“ اردو ترجمہ، جلد اول، ۱۹۶۰ع

انگريزي ڪتاب

34. Aitken, E.H., Gazeteer of the Province of Sind, Mercantile Steam Press, Karachi, 1907.

35. Bloomfield, L. Language, George Allen and Unwin Ltd., London, 1961.

36. Burton, R.F. Sind and the races that inhabit the Valley of river Indus, W.H. Allen & Co., London, 1851.

37. Daudpota, M.U., An article: Sindhi Literature, Published in Cultural Heritage of Pakistan, Oxford University Press, London, 1955.

38. Edward, C., Sachau, Alberuni's India, Kegan Paul and Trench, Trubner, London, 1910.

39. Ellis, B.H., Report on the Education in Sind, Bombay, 1855.

40. Elliot, E.H., History of India, Vol. I, Trubner & Co., London, 1867.

41. Firth, J.R., Papers in Linguistics, 1934–51, Oxford University Press, London, 1957.

42. Frere, B., Introductory Remarks on the Report on Education in Sind, Bombay, 1855.

43. James, C., Melvill, Scinde, Administration of Scinde, East India House, 1854.

44. John Marshal, Mohen-jo-Daro and the Indus Civilization, Arthur Publication, London, 1931.

45. John Beames, Comparative Grammar of the Modern Indo Aryan Languages of India, Vol. I, 1872.

46. Jairamdas, Daulatram, Ancestry of Sindhi Language, New Delhi, 1957.

47. Kubchandani, L.R., The Phonology and Morphophonemics of Sindhi, M.A. Thesis, Pensylvania University, 1961.

48. Khan, F.A., Report on Bhambhor Excavations, Department of Archaeology, Govt: of Pakistan, Revised edition, Karachi, 1963.

49. Paper, H.H., The Writing System of Modern Persian, American Council of Learned Societies, Washington, 1955.

50. Stack, G., A Grammar of Sindhi Language, American Mission Press, Bombay, 1849.

51. Trump, E., The Grammar of Sindhi Language, F.A. Brockhans, Leipzig, 1872.

52. William Bright, The Urdu Writing System, American Council for Learned Societies, Washington, 1958.

ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن حيدرآباد طرفان، سرڪيولر نمبر 0/5-569-(S.I.) 65-64/(Pub) حيدرآباد تاريخ 1965-1-20 هيٺ انعامي ۽ لئبريري طور منظور ڪيل.

ساڳئي مصنف جا ٻيا ڪتاب

لاش (ناول)	١-٥٠
چور (افسانن جو مجموعو)	١-٥٠
ناصر خسرو ايراني	١-٠٠
سنڌي نثر جي تاريخ	٥-٠٠
سنڌي صوتيات	٢-٥٠
ادبي اوسر	٢-٢٥

ادب ۽ تنقيد

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل

ڪتاب جو تازو ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي.

هن ڇاپي کي نئين سر سڌاريو ۽ وڌايو ويو آهي. هاڻ هي ڪتاب جديد تقاضائن جي پورائي بہ ڪري ٿو. هن ۾ مشرقي تنقيد بابت بہ گهڻو ڪجهہ ڏنو ويو آهي جنهنڪري هڪ طرفو نہ رهيو آهي بلڪ هر لحاظ کان مڪمل آهي.



نالو : صاحب خان ميراڻي
ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهه ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڳوٺ ڪيڙڙو، تعلقه رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محله، نئون ديرو. تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

<u>اڻ ڇپيل ڪتاب</u>

ڏرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) 1990ع
سائر سهس ڳجن (شاعري) 2021ع
برهه منجهارا بوند (شاعري) 2022ع
صاحبِ ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 – 3919786
0300 – 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com





سورهه سنڌي ادب



صاحب خان سورهه ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488